سُگنڌي گُلَ

(شعرن جو مجموعو)



شاعر : ٽنڌارام پنجواڻي "پيارل"

سُڳنڌي گُلَ

(شعرن جو مجموعو)

رچناڪار : ٿڌارام پنجواڻي ''پيارل''

ڇاپو : پهريون

ڪاپيون : ٥٠٠

سال : آگسٽ - ٢٠٠٢

ڇپائيندڙ : ٿڌارام پنجواڻي ''پيارل''
٥٠-٤٩، نيو بنگلا ايريا، اي - وارڊ،
ڪبير نگر، احمد آباد - (گجرات) - ٣٨٢٣٤٠.
فون : (گهر) ٢٨٣١٤٦٥ (آفيس) ٢٨٣٨٠٠٧

قيمت : چاليهه (٤٠) رپيا

ڇپيندڙ : اسڪين ڪمپيوٽرس
٣، راڌيشيام ڪامپليڪس،
نودرگا سوسائٽي روڊ جي پاسي ۾،
پاٽيا، نروڙا روڊ، احمد آباد - ٣٨٢٣٤٥.
فون : ٢٨٠٦٧٧٦ موبائيل : ٣١٠٠٧٠٠٢

فهرست

SUGANDHI GUL

(Collection of Poems)

By : **THADHARAM PANJWANI "PIYARAL"**

Year : Aug. - 2002

Edition : First

Copies : 500

Price : Rs. 40/-

Published by : **Thadharam Panjwani "Piyaral"**
49-50, New Bunglow Area,
Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Phone : (R) 2831465 (O) 2838007

Printed by **SCAN COMPUTERS**
3, Radhyshyam Complex,
Nr. Navdurga Society Road,
Patia, Naroda Road, Ahmedabad-382345.
Ph. : 2806776

مهاڳ....

گيت خوشيءَ جا آنءُ تو ڳايان،
پنهنجي پرينءَ کي تو پرچايان،
ايندو ايندو پريتم پيارو،
هڪ من موهيندڙ مرڪ وارو،
اُن سان ملڻ لئه مان واجهايان،
گيت خوشيءَ جا آنءُ تو ڳايان.....

شري تڌارام پنجواڻي ”پيارل“ پيار جو ٻُکيو آهي، ان ڪري هر محفل ۾ خوشيءَ مان گيت لکي ڳائڻ سندس شغل آهي. شعر و شاعري عطا ئي ڏات آهي، پر ”ڏات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي.“ واري چوڻيءَ کي ٻه ڪا معنيٰ آهي، جا شري ”پيارل“ سمجهي آهي ۽ شاعريءَ جي فن ۽ فڪر کي ڪتابن جي مطالعي خواهه سداحيات شري ليلارام رچنداڻي ۽ پنهنجي پٽ مثل متر جڳديش شهدادپوريءَ جي سنگت پائي اِن ڏس ۾ پاڻ کي سنواريو آهي ۽ سنگيتميه شاعريءَ جي رنگه ۾ رنگجي ويو تو ڏسجي. سندس شاعريءَ ۾ روايتي روح هئڻ ڪري روانيءَ واري جواني ماڻيندي نظر ايندي. هو صاحب ”سَرِوَ ڌرم سمان“ واري سڌانت تي هلند آهي ڇو جو ڀارت بن سمپردايڪ ديش آهي. هو درويشي سڀاوَ وارو هئڻ ڪري سنتن جي واڻِيُنِ ۾ وهندو رهڻ چاهي تو پر پرم پتا پرماتما کي سدا ڌِ ئائڻ ۾ ڌيان وڌيڪ رکندو آهي تڌهن تہ چوي تو:

ملي گيان جيڪو گروءَ جي دُواري،
اُهو ئي تو جَپُ تَپُ تڪاڻو سيڪاري،
سڄو گيتا بائيبل، جو گيان پوتر،
جڳت جو ڌرم هرڪو ”پيارل“ آ بهتر،
رهن آتِما سان اِنهيءَ جا ناتا،
چون توکي جڳ جو سيئي داتا....“

سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ سان کيس بي پناهه پيار آهي. سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي ٻيڙي وچ درياهه ۾ آپدائن روپي طوفان

ڪان وڏي پونجيوادي ۽ ائٽمي شڪتي آهي، ان ڪري مشرف جي آتنڪوادي گهاتڪي حملن کي صبر سان سهندو رهي ٿو. سنسد تي حملي بعد به ڀارت جون اکيون نه کُليون آهن ۽ ڪروڙين رپيا پاڪستان جي تعنات ڪيل فوج جي سامهون پنهنجي فوج ٻهاري، خرچ ڪري رهيو آهي ۽ هزارين ڪشميرن کي لڏپلاڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو آهي. الائجي ڪيترن بي گناهه نگرواسين جو بمن جي ڌماڪن ۾ موت ٿيو آهي، جن جو اندازو لڳائڻ ئي ڪٺن آهي. نه ڄاڻا ڪيترن وئشنو ديوي ۽ امرناٿ مندرن جي ياترا تي ويندڙن شرڌالن تي بم اُڇلائي، رتوڇاڻ جي ڇانوڻي بڻائي آهي! اهڙن دکدائي واقعن کان متاثر ٿي ڀاءُ ”پيارل“ چوي ٿو :

وڏي شڪتي روڪي ڀارت ڪي ٿي،

نڊرتا اچي ڇو نه ليڊرن ۾ ٿي؟

شاعر کي ياد آهي ته سداحيات ماضي پرڌان منتري شري لعل بهادر شاستريءَ آمريڪا جهڙي مهان هستيءَ کي بي باڪي سان پاڪستان جي حملي وقت چئي ڏنو ته اسان کي جانورن کي کارائڻ لائق ڪڻڪ آمريڪا نه ڏيندو ته گاهه کائي به پيٽ ڀرينداسين، مگر آمريڪا جي غلامي نه سهنداسين ۽ پوءِ پاڪستان تي حملو ڪري، ٿرپارڪر ضلعي تائين ۽ ٻين پاڪستاني سرحدن ۾ ڀارتي فوجون گهسي، پاڪستان کي شرمناڪ هار ڏني هئي تڏهن ته شاعر چئي ڏنو آهي :

اڄي لال بهادر گهڻو ياد ٿو

ڪيو جنگ جو پاڪ سان اعلان هو.

گوڌرا ٽرين اگني ڪانڊ- جي حيواني ۽ شيطاني آتنڪوادي قهر سبب گجرات ۾ قومي فسادن جي شروعات ٿي ۽ گجرات راڄيه مفت ۾ تباهه ٿيو هڪ طرف ته ورو ڌي پارٽين جي نظر ۾ ڇاهي وديشن ۾ بدنام ٿيو ٻئي طرف؛ پوءِ به ڇپائون ته هن وقت جي مکيه منتري نريندر موديءَ کي هٽايو، ڇو جو، هو ئي هنن فسادن لاءِ جوابدار آهي چوٽي آهي : ”اٿو ڪاڏو ڪوئي، مار پيئي گابي تي.“ اِها ئي ڳالهه شاعر هِن هيٺئين شعر ۾ نمايان ڪئي آهي.

سوين ڪوڙ ’پاڪ‘ کي مباهه ٿين ٿا،

۽ گجرات جهڙا مفت ۾ تباهه ٿين ٿا!

سبب ڏُنڌي ڏسي، سنڌس دل سچ پچ روئي پوندي آهي. هن ڪتا
”سُڳنڌي گُل“ جي شاعر جو سلوگن آهي.
”سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان.“
اِهي دل جا اُڌما ۽ سنڌيت جا نغما هيئنئين انتري مان ازخود ظاهر ٿي
ٿا:

آ ساهت سان منهنجي محبت نرالي،
ٻٽي مالهي تنهنجي ڪندس پيو رکوالي،
ڪڏهن ڪين ڀُلجي مفت پستڪ پڙهان ٿو،
سُنو سنڌي ساهت سڪون لئه لکان ٿو.
ڪري آنءُ ڪوشش ڪي پانڪ وڌايان،
سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان....

شري ٽڌارام پنجواڻيءَ ”پيارل“ گيتن، ڪلامن ۽ غزلن ڪانسواءِ ٻه س
صنف تي ٻه قلم آزمائي ڪئي آهي، جا شايد ڊاڪٽر ارجن ”سڪايل
جي ايجاد ڪيل صنف آهي، جنهن کي هن صاحب ”ناياب نقطا“ عنوا
هيٺ استعمال ڪيو آهي، اِن صنف کي ڊاڪٽر ديال آشا ۽ شري هر
درياڻي ’دلگير‘ ٻه اپنايو آهي ۽ بخوبي سڦلتا پراپت ڪئي آهي. هِ
”پيارل“ صاحب جا ڪجهه ”ٻه ستا“ ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو، جو
وطن جي حب ۽ آتنڪواد کي هن پنهنجي موزون لفظن ۾ اظهاريو آهي

جيئون اسان بس، وطن واسطي،
سوين وارَ جيڪر حياتي وارِجي.
وطن جو امن اڄ خطري ۾ آهه،
سڄو ديش آتنڪي چنبي ۾ آهه.

پاڪستان جي راشٽرپتي، جنهن ڊڪٽيٽري روپ ورتو آهي ۽ آتنڪو
کي جنم ڏيئي، جڳ پرسڌ خطرناڪ آتنڪواد جي مکيه ليڊر، اوساما ب
لادين کي پناهه ڏني آهي، تنهنجو جلد ايندڙ چونڊن ۾ اڳوڻي پرڌا
منتري بي نظير ڀٽي جي سامهون هار ٿئي ته جڻ پاڪستان جا ڀاڳ کُليا
اُن جا، ڀارت سان دوستيءَ جا ڄڻ دُوار کُليا، ائين سمجهيو ويندو.
بهرحال پرويز مشرف کي آمريڪا جي هٿي آهي؛ ائين سمجهيو ته اُ
جي هٿ ۾ ڪنپتلي آهي، تنهن ڪان ڀارت ڊڄي ٿو ڇو جو دنيا جي س

تَنَ جو اُجلو، مَنَ جو ڪارو،
پل ۾ روشني، پل ۾ انڌارو،
بي وس آهي ”پيارل“ پيارو!
مَنُ مالڪ سان جوڙ، من کي موڙ.

سنگرن جي چرٽن ۾ رهڻ جي باوجود، هوُ پاڻ کي رومانوي ڪوي سڏائڻ کان روڪي نہ سگهيو آهي. مثلن ”محبوب جو تصور“ نالي ڪويتا ۾ اِها حقيقت تي پاسي، ڏسو هي ٽي بند:

١- ستارا تا تمڪن صنم جي ئي صدقي،
انهيءَ سونهن سا آ نظارن جي دنيا!

٢- لڳي ٿو چڻ منهنجي ٻانهن ۾ تون آهين،
۽ مونکي تي پنهنجي دل ۾ سمائين.

٣- تئي شل! ”پيارل“ خواب اڄ حقيقت،
اچي سرڪي اڱڻ منهنجي محبت.

سندس هڪ غزل ۾ بہ حسن جو ذڪر اچي ٿو پر سيرت جي فڪر سان گڏ:

ڪريون سونهن جي تعريف دل پنهنجي ڪولي،
پسي سهڻي سيرت وڃون ڇو ٿي سُنَ؟

انهيءَ غزل جي هڪ ٻئي شعر ۾ ڏنوانن ۽ نرڏنن جو مثال ڏيئي اِهو اظهارڻ چاهي ٿو تہ حسن ماڻڻ جو حق شايد فقط زردارن کي ئي آهي، جڏهن ڪ غريبن جي گهر ۾ اوندهہ جي فاقاڪشي آهي.

غريبن جي گهر ۾ ”پيارل“ آ اوندهہ،
الا! ڪنِ تہ ٻکہ لئہ اُتايو آ جوين.

ساتوڪ جيون گهارڻ جو اِرادو رکندڙ شاعر ”سُگنڌي گُل“ اديبن ۽ پاٺڪن کي آچيندي چوي ٿو:

ڪڏهن سکہ، ڪڏهن دکہ، اِهو ئي آ جيون،
اسان جو ڪرم ئي سچو آهي درپڻُ.

ڪرم جي درپن سان تشبيه آهي، ڪي ماڻهو وڃونءَ مثل ڏنگہ هڻن، ڪي گلن جيان خوشبو ڏين. ڪي تہ وري پرماتما جي مهر کي ميڇڻ لاءِ بہ تيار ناهن. شري ”پيارل“ جي لفظن ۾:

ڪجھ پڄ جي اتهاسڪ رڪارڊ ڪي ٽوريندڙ سنسنيخيز زلزلي هن ڪتاب ”سڳنڌي ڳُل“ جي شاعر جي دل ۾ بہ گويا زلزلو آڻي ڇڏيو آهي، اُن جو ڪارڻ آهي، جو اُهو ڏينهن ٢٦ جنوري - پرجاوادي ڏينهن هو- ان ڪري دکہ جو اظهار فنائتي ڍنگہ سان ڪيو اٿائين :

هو رعيتي راڄ وارو ڏينهن پيارو،
بڻي پيو ڏينهن گويا سو ڪارو،
هئو مئلن جو ڪاٿو ملڻ ئي مشڪل،
جي بچيا، رُنيءَ ٿي اُنهن جي دل!
”پيارل“ صدق سان ٿيو راحت جو ڪم،
اڃا پرجي سگهيو ڪين آهي زخم!
اڃا پي آ ڪجھ پڄ صفا ڳهرِ ڳهلو،
ڪيو قهر قدرت، ٿيو زلزلو......

سنڌ، شاعر جي ماتريومي آهي، اُها ڪائونس وسري سو، ممڪن ڪونهي. پنهنجا اُدگار هِنَ ريت اظهاري ٿو :

سهڻو سکر ۽ لاڙڪاڻو، پنهنجو وطن اباڻو،
اڄ آهہ سو ويڳاڻو، نيڻن، نير هاري!
سنڌ جي ڪُنوارِ سهڻي، پياري هئي ڪراچي،
تنهن ڪي بہ تو پيارا، ڇڏيو آهي وساري!

جن جي سنڌ جنم ڀومي آهي، تن ڪان اِهو ڪيئن وسرندو تہ :

اِني ڏکر، گُهمُ سارو سکر، ڏِسُ روهڙيءَ جي راند،
بکت لئن، مون نار، آر وئي يگہ.

يا ”هجئي ناٿو تہ گهم لاڙڪاڻو“ جهڙا سهڻا سناٻا شهر اڃا بہ ياد هوندا. شاعر ڪراچيءَ کي (جو سنڌ پرانت ۾ آهي ۽ اڳہ هند جو پر هاڻي پاڪستان جو مکيہ شهر ۽ بندر آهي) ڪُنوارِ سان تشبيہ ڏيئي سهڻو ڪم ڪيو آهي، ڪراچيءَ جهڙي دلڪش نياري شهر لاءِ!

”من کي موڙ“ ڪويتا ۾ سنسار کي نيارو ۽ من جو ڪارو ڪونڻ پنيان، سنسار جي بهروپي چال ڏانهن اِشارو ڪرڻ جي مراد آهي شايد، جنهن ۾ ملين ماڻهو بہ اڇي وڃي ٿو :

هي سنسار آ ڪيڏو نيارو،

مون تو کي تڏهن پڪاريو آ.
آهيان هاڻي تنهنجي پناري،
آيس جهولڻ تنهنجي ڏواري.....

سنڌيت ٻولي ۽ ساهت جو آئيندو اونداهو ڏسڻ جي باوجود، غزل جي هڪ بند ۾ هو اُميدن جي دنيا جي اِشارن ڏانهن ڌيان ڇڪائي چوي ٿو :

خزان ۾ به ٽڙندا سدا گلستان گُل،
چوي ٿي خوشيءَ مان اِشارن جي دنيا!

گجرات جي آنتڪوادي غير سماجڪ عناصرن قومي فسادن جي باهه ڀڙڪائي ۽ ان ۾ جيڪي سواها ٿيا، تن کي شرڌانجلي ڏيڻ جي ڪلا آهي، جا شاعر پاڻ وٽ قابو رکي آهي :

ڍير لڳي ويا لاشن جا، ڪي هندو ڪي مسلمان،
آنڌي آنتڪواد جي آئي، اُجڙي ويو گلستان!

ان ڪري اِنسانيت جي ڌرم ڏانهن مائل ٿيڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

وقت آيو آهي ”پيارل“ ڪيو من ۾ ڌيانُ،
مندر مسد ۾ آهي هڪڙو ئي خدا، ڀڳوانُ.

فن جو ذڪر نه ڪري رواني‌ءَ جي روايت تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي، ڪن ڪن هنڌ، جيئن نديءَ جي جل جي رواني :

چوي ٿي چوي ٿي نديءَ جي رواني،
آ هلندو رهڻ ئي ته جيون ڪهاڻي.

اسان جو ”پيارل“ به هلندو رهي ٿو، اتڪ ڪوششون ڪندي، سندس چوڻ آهي :

”ملي ماڳُ ويندو، وڌو اڳتي اڳتي،
ڪجي راهه ۾ همٿ ڀري ڪامِراني.“

روحانيت جي رمز ۾ رنگجي ويل بزرگ، سلجهيل شاعر شري ٽڏارام پنجواڻي ”پيارل“ هن عمر (٧٣ سال) ۾ ساهت سرجڻ ۽ شبوا سان گڏ پرماتما روپي پريـنءَ سان پڻ روح رهاڻ ۾ وشواس رکي ٿو :

دل ۾ ڏيرو دلبر جو، دل ۾ دلبر جو ديدار ڪيون،
”پيارل“ پنهنجي پريـنءَ سان ويهي روح رهاڻ ڪيون.

ڪتي ڪتي موزون شاعريءَ جي رنگن سان پڻ ڪي گيت ۽ غزل رچيا

ملي هار جيون ۾، ڏيون ڏوھ ڀاڳ کي،
ٿئي سوڀ جي، ڳايون پنهنجي نام جو ڀڄن!

جتي آتنڪواد جي مسئلي کي اُجاگر ڪيو آهي، اُتي هن ڪتا
شاعر غريبي ۽ ڏيتي-ليتيءَ جي سمسيائن کي بہ اُگهاڙو ڪيو آهي رو
واري رواني سان :

- ڏکي آهي ديش جي نياڻي نماڻي،
ڪُڇي ڪين ڪُڇُ پي آ اکين ۾ پاڻي!
- آ ڏي-وٺ جي ڪارڻ ئي غيرن وڪاڻي،
اتياچار گهر جا سهي ٿي سياڻي!

شاعر هندوتوَ جو حامي آهي پر تہ بہ ٻين ڌرمن لاءِ ڪيس عزت ۽
آهي، هر جاتيءَ کي چاهي ٿو پر پنهنجي سنڌي ذات تي فخر و
چوي ٿو :

سنڌي سڏائڻ پاپُ تہ ناهي،
فخر تہ سڀ کي ذات تي آهي.
هندوتوَ جو شرف ٿيو حاصل،
مگر ٿيو نہ ڪنهن جا قاتل!

سندس اِشارو ڪٽروادي/آتنڪوادي، اسلامي جماعتن ڏانهن آه
هن شعر ۾ ظاهر ٿئي ٿو :

تعصب جڳ جو دشمن آهي،
ڇڏيو تنهن جو ڊينگو ڊاهي!

هو آستڪ آهي، هڪ ساڌڪ ۽ شيواڌاري آهي پر انڌ شرڌا جي
آهي.

چنڊ تي دنيا پهتي آهي،
اَرڳُ ناري هِتِ ڏيندي آهي.

هوُ اشٽ ديو شري جهوليلال جو اُپاسڪ آهي ان ڪري اُن جي مهما
تو ۽ مهما ڳائيندي آشاوادي بڻجي پيو آهي :

آهہِ نظر کان دور ڪنارو،
مون کي بس آ تنهنجو سهارو،
جڳہ ساري مون کي ڌتاريو آ،

سنڌيت جو شيدائي شري ٽڌارام پنجواڻي ”پيارل“

سنڌي جاتيءَ ۾ اجا ڪيترا اهڙا ساهس وارا ۽ سنڌيت سان لڳاءُ رکندڙ
يمي آهن، جيڪي لڪل لعلن وانگر آهن، جيڪي خاموشيءَ سان جاتيءَ
ي شيوا پيا ڪن ۽ پنهنجي نالي چمڪائڻ جو سندن سياءُ ڪونهي. سدا
بات شري دادا ليلارام رچنداڻيءَ سچ پچ جَسُ لهڻو، جنهن سنڌي ساهت
ي اهڙي لڪل لعل کي ڳولهي ڪڍيو. اُهو بيو ڪو ڪونهي پر اسان جو
ن وارو سُلجهيل ۽ سنواريل بزرگ شاعر **شري ٽڌارام پنجواڻي ”پيارل“**
ي، جنهن کي مان دادا چئي مخاطب ٿيندو آهيان. جن بہ هن صاحب
ي دوردرشن جي ڪوي سميلن ۾ شرڪت وقت ڏٺو/ٻڌو هوندو، سي سندن
عراڻي شعور کان متاثر ٿيا هوندا ۽ پيشڪش واري انوکي انداز کي داد
ڻ کانسواءِ رهي نہ سگهيا هوندا. ساڳئي وقت دادا پنجواڻي آڪاشواڻي
مدآباد، وڙودرا تان پنهنجي رچنائن جو لطف پڻ وٺائي چڪا آهنَ.
ري ٽڌارام پنجواڻي ”پيارل“ ڪن مشاعرن ۾ بہ پاڻ موکيو آهي ۽ سندس
نائون الڳہ الڳہ رسالن ۽ اخبارن ۾ ادبي خذمت طور استعمال ٿينديون
نديون آهن. هيءُ دفعو آهي جو، دادا ”پيارل“، پنهنجي شعرن جو
جموعو '**سڳنڌي گُل**“ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ان بهاني سندن شاعراڻي
خصيت جو عڪس اديبن ۽ پاٺڪن کي ڏسڻ لاءِ مليو، اها وڏي ڳالهہ آهي
و هيءُ صاحب فقط شاعر ئي نہ آهي پر ساهت پريمي بہ آهي تہ سنڌيت
و شيدائي پڻ. ان ڏس ۾ هِنَ، سنڌي ساهت خريد ڪري پڙهڻ جو تہ قسم
يو ئي آهي پر ان جي ڦهلاءُ ۽ پرچار لاءِ تن، من ۽ ڌن جي مدد پڻ ڪندو
ي.

شري ٽڌارام پنجواڻي ”پيارل“ ڪبيرنگر جي خلق ۾ بہ بہ لوڪپريہ
ي، ڇو جو نيوُ بنگلا ايريا جي پئنچايت جو پرمکہ بہ آهي. سندن ڪوشش
ن ئي نيو بنگلا ايريا، اي-وارڊ ايراضيءَ ۾ ڇڱو واڌارو ۽ سڌارو ٿيو آهي.
جو ثبوت آهي ايراضيءَ ۾ نهيل ڌرمشالا، جا پهرين ننڍي روپ ۾ هئي ۽
ڻي وشال روپ ۾ موجود آهي:

اٿس، مثلن :

حياتيءَ ۾ ٿا خام خيال ٿي سنائن،
مثل جَلَ، وڃن پَلَ هٿن مان ٿا نڪري!

پري سُڏڪا اُف! روح خاموش ڪنڌ ۾،
جڏهن ترشنا آگ ۾ ٿو من پڄري!

ڏسون ماڪ ڦولن تي صبح جو سدائين،
تي لڙڪن سان جرڪي گلن جان جواني.

جوانيءَ جي پيت گلن سان ڪري ۽ لڙڪن کي ماڪ ڦڙا ڄاڻائي، شا
فن ۽ فڪر کي اُجاگر ڪيو آهي.

آخر ۾ ايترو ضرو چوندس تہ اسان جو بزرگ ساٿي شري ٺڏارام پنجواڻ
''پيارل'' آهي ۽ سڀ جو پيارل رهندو، هن شاعريءَ ۾ ساهتيڪ شيوا ج
سادق جذبي سبب، جو هن ''بہ سٽا'' شعر مان پڌرو ٿئي ٿو :

يار هئو ڪرشن ارجن جو يا رهبر،
اهڙو ڪيي يار تو، ٿئي مدبر رکي نہ تڪبر.

اگر هيءَ صاحب اهڙي رهبر جي ڳولها ڪندو، جنهن ۾ تڪبر نہ هج
تہ پڪ ئي پڪ اڃا هن ڏس ۾ اڳتي اڳتي قدم وڌائي شاهي شاميانو کوڙيند
تنهن ۾ شڪ ڪونهي. اهڙي شخص جي آجيان، ادبي حلقن ۾ پانڪن
ٿيندي، سا بہ اُميد اٿم.


- پيگوان ''نردوش''
سي-١٧، آشريہ فليٽس، اندرا پُل پرسان
هانسول، احمدآباد-٣٨٢٤٧٥.

ارپيم

پرم پوڄنيہ سنگرو شري

پير پرشوتم ناٿ جي مهراج جن کي

-شيوڪ ٽڏرام پنجواڻي ''پيارل''



پير پرشوتم ناٿ جي مهراج

شري ٽڏارام پنجواڻي ''پيارل'' ڪجهه وقت گونديا ۾ به رهي چڪا آهن ۽ اُتي پڻ سماج شيوا ڪاريه ڪي سرگرم رکيو هو ۽ سندن اُدم ۽ يتن سان اُتي پڻ هڪ شاندار ڌرمشالا نهرائي آيا آهن نه صرف ايترو پر اُتي سنڌي ماڌيم سان سنڌي اسڪول پڻ برپا ڪرايو، جتي اٽڪل ٣٢ ٽيچرس پاڙهڻ جو يگيه هلائي رهيا آهن. ساٺين جي ساٺ سهڪار سان هوُ صاحب سنڌي سماج، سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ ڪجهه ڪري سگهڻ لاءِ هميشهه تيار رهندو آهي، ڇو جو هن صاحب کي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت لاءِ پورو لڳاءُ آهي. هن وقت هوُ اسان جي وچ ۾ هڪ شاعر طور آيو آهي. اچو ته سندن دلي سواگت ڪريون ۽ شعر و شاعريءَ کي صرف پڙهڻ نه پر ماڻڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ هن لڪل لعل جو، جوڳو قدر ڪريون. سندن صادق جذبو به ''سڳنڌي گُلَ'' شعرن جي مجموعي جي هڪ غزلي شعر مان نمودار ٿئي ٿو :

نيايون اسان شال! پريوءَ سان ناتو،
ته جيون مان ''پيارل'' ڪو ڪڙ تيل نڪري.

اسان جو پيارو دادا اڃان به منزلن جون منزلون طيءِ ڪري اهڙي شڀ ڪامنا ڪريان ٿو، ڇو جو هوُ صاحب ڪرم ۾ وشواس رکي ٿو ۽ هڪ ڪرم يوڳي هن شاعريءَ جي يگيه ۾ پڪ ئي پڪ ڪامياب ويندو؛ اهڙي پڪ اٿم ڇو جو هن پنهنجي ''سڳنڌي گُلَ'' مجموعي بابت چيو آهي :

سُڳنڌي گُلن سان آ گلشن سجايو،
هوا ۾ هڳاءُ به اُنهن جو ئي آيو.

۽ بس.......

- جڳديش شهدادپوري ''جَش''
ڪلاڪار يون، بلاڪ نمبر ٣/٧٠٠،
امباواڙي، پوسٽ سردارنگر،
احمدآباد - ٣٨٢٤٧٥.

ي آهي، جنهن هن ڪتاب کي سمپورڻ ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. اڄ اها منزل
لي ويئي آهي پنهنجي شاعراڻي شخصيت کي اديبن اڳيان آڻڻ جي.
ُلَ ميڙي اُن کي گلدستو ٺاهي اوهان اڳيان رکيو آهي. انهن گُلن جي
ڳنڌ اوهان کي ڪيتري قدر پنهنجيءَ خوشبوءِ سان معطر ڪري ٿي، سو ته
وهان ئي چئي سگهندا. منهنجي پهرين ڪوشش/پيشڪش آهي، جنهن
ڪي ادبي خدمت چوان ته به غلط ڪونه ٿيندو.

پنهنجي ڪجهه ”سڳنڌي گُل“ توهان اڳيان ڏري رخصت وٺندس.

- الا! ڏگمگائي ٿو ايمانُ اَمن جو،
ٿيو بدنام يارو! هتي پيارُ آهي.

(پاڪستان جي آتنڪوادي نظرئي تي طنز)

ڪرڻ پاڻ کي سائو چاهيون سدائين،
پلي ڪنهن جي ڪنهن جو به ڇو ڪين گردَنُ!

(سنڌين جي هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ واري منورتيءَ تي طنز)

- پرجا تنتر راڄ هلي ٿو.
ڏنوانن جو ئي پاڳه کُلي ٿو!

(پونجيواد تي آلوچنا)

آخر ۾ مان نهايت ٿورائتو آهيان اعليٰ ۽ برک غزلگو شاعر شري ٻڳوان
”نردوش“ جو، جنهن نه فقط منهنجو عرض اونائي مهاڳ لکي ڏنو آهي پر
مهاڳ جي بهاني فني شناخت جي روشني پڻ ڏني ۽ سڄهاوَ ۽ صلاحون پڻ.
هوُ پاڻ هڪ حقيقت پرست شاعر آهي ۽ موزون شاعريءَ ۾ سندس ساکَ سدا
بهار آهي. ساڳئي وقت جڳديش شهدادپوريءَ جي ارڌانگني (جنهن کي
مان ڏيءُ ڪري ليکيندو آهيان) مينا شهدادپوريءَ جو به ٿورائتو آهيان
جنهن هڪ سني ۽ پختي شاعرا هئڻ جي ناتي وقت به وقت مونکي شاعريءَ
جي ڏس ۾ سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن. جيڪڏهن پنهنجن راين کان واقف
ڪندا ته اڃا به بهتر کان بهترين ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. گُل يا خار
اوهان جا مون لاءِ هوندا انمول. هونئن به گُل، ڪنڊن جي وچ ۾ ئي پلجي،
ٽڙندا آهن.

- ٽڌارام پنجواڻي ”پيارل“

شاعر جي قلم مان......

مان پيارل آهيان، پرم پتا پرماتما جو، عظيم عوام جو، ڇو جو هن وقت جيڪو ڪجھ آهيان، انهن جي بدؤلت. مونکي شاعر جي روپ ۾ جيڪڏهن پهرين سڃاتو ته اهو هو اسان جي سنڌي جاتيءَ جو اعليٰ اديب، سداحيات شري ليلارام رچنداڻي. هن صاحب جي ساهتڪ خدمت، سنڌي قوم ڪڏهن به ڀُلائي نه سگهندي. هو نه صرف اديب ۽ ڪوجنڪ هو پر ماهر پترڪار پڻ هو ۽ ڪيترين ئي سنڌي اخبارن سان جڙيل هو. هن صاحب ئي منهنجي همت افزائي ڪئي، رچيل رچنائن جي قدرشناسي ڪئي ۽ انهن کي هڪ ڪتاب جي روپ ۾ ڇپائڻ جي صلاح ڏني، جنهن تي عمل ڪري ''سُڳنڌي گُل'' نالي سان اوهان عظيم عوام اڳيان حاضر آهي. مون کي بيحد خوشي ٿئي ها جيڪڏهن ڀائو ليلارام صاحب ئي هن شعرن جي گُنڪي جو پنهنجي شُڀ هٿن سان مهورت ڪن ها، پر افسوس! منهنجي يا پنهنجي خواب جي تعبير ڏسڻ لاءِ هو اسان وٽ ڪونهي. ڀائو شري ليلارام رچنداڻي هڪ ڪوهنور هيري مثل هو، جنهن کي شرڌانجلي ڏيندي، هن ڪتاب ۾ مون هڪ ڪويتا شامل ڪئي آهي، جنهن جا ڪي شعر پيش-خدمت آهن :

- هليو ويو هليو ويو سنڌيت جو ديوانو هليو ويو،
  ڪري سفر پورو، دلبر دُلارو هليو ويو!
- پترڪارن ۾ سندس نانءُ روشن سدا ٿيندو،
  ساهت کيتر ۾ پڻ ناموس جو ذڪر سدا رهندو.
- ڪيو قدر هو قدردانن هن جو ڏيئي اِنعام سنمان،
  هئا حقيقت ۾ هن جا ادب ۾ اوچا مڪان.

شاعريءَ جي ميدان ۾ پڙرو پٽ ڪرڻ ۽ اڳتي آڻڻ ۾ جڳديش شهدادپوريءَ جي صادق جذبي پڻ داد لهڻو. هر وقت پيو همٿائيندو هو ته ''دادا! وڌو، اڳيت وڌو، منزل پاڻ مرادو ملي ويندي.'' هوُ هڪ سنو ۽ پختو شاعر آهي ۽ ان سان گڏ ناٽڪ ڪار ۽ لوڪ ورثو مخزن جو سمپادڪ پڻ. سندس ٻال ڪويتائن جي مجموعي ''مهڪندڙ مکڙيون'' ادبي حلقن ۾ ڌوم مچائي ڇڏي هئي ۽ گجرات سنڌي اڪادميءَ طرفان ان ڪتاب تي پهريون نمبر انعام عطا ٿيو هوس. هبڙي هوشيار همراهه جو ساٿ سهڪار

ٽِڪارام پنجواڻي جي
جوانيءَ جو يادگار فوٽو




ٽڪارام پنجواڻي "پيارل"

ارپيم

پنهنجي پوجنيہ پتا

سرڳواسي شري ڪوڙومل ڪشنومل پنجواڻي جن کي

-سپاتر ٽڏارام پنجواڻي ”پيارل



سرڳواسي شري ڪوڙومل ڪشنومل پنجواڻي

پرارٿنا

چون توکي جڳ جو سڀئي ٿا داتا،
ڪرين ٻاجھہ پنهنجي سدائين سڀاجھا!

(۱)

تون اللهہ، ايشور ۽ ڀڳوان آهين،
تون نانڪ ۽ تون ئي ڪنعيو ڪان آهين،
تون عيسيٰ، رحيم، رامُ آهين،
اهو ئي اسان جو جهوليلال آهين،
پتا، ماتِ بندو، سکو ۽ ڀراتا،
چون توکي جڳہ جو سڀئي ٿا داتا......

(۲)

اصل ۾ تون پريو! نراڪارُ آهين،
۽ ڀڳتن جي شرڌا سان ساڪارُ آهين،
جدا من پسند آهہ ڀڳوان سڀ جو،
آ مندر ۽ مسجد بہ مڪام رَبَ جو،
ڪرم تون سنواري نيصب جا وِڌاتا!
چون توکي جڳہ جو سڀئي ٿا داتا.....

(۳)

ملي گيان جيڪو گروء جي دُواري،
اُهو ئي تو جپ تَپُ ڏِڪاڙو سيڪاري،
سچو گيتا بائيبل جو گيان پوتر،
جڳت جو ڌرم هرڪو ”پيارل“ آ بهتر،
رهن آتما سان انهيء جا ناتا،
چون توکي جڳہ جو سڀئي ٿا داتا....

پہ سٽا

جيئون اسان بس، وطن واسطي،
سوين وارَ جيڪر حياتي وارِجي.

وطن جو اَمن اَڄ خطري ۾ آهہ،
سڄو ديش آتنڪي چنبي ۾ آهہ.

آ ڪشمير گهايل تہ دانهون ڪري،
۽ زخمي ڪارگل بہ آهون ڀري!

اَميريڪا جي سرَ تي آفت آئي،
سڄي طاليبان جي آندي تباهي.

مگر ديش ڀارت زهر صبر جو پيتو،
اڃا تائين لوڙي ويٺو سو ڪيتو.

اڃي لال بهادر گهڻو ياد تہ،
ڪيو جنگ جو ”پاڪ“ سان اعلان هو.

وڏي شڪتي روڪي ڀارت کي ٿي،
نڊرتا اڃي ڇو نہ ليڊرن ۾ ٿي؟

سوين ڪوڙ ”پاڪ“ کي مباهہ ٿين ٿا،
۽ گجرات جهڙا مفت ۾ تباهہ ٿين ٿا.

اڃا ”آر پار“ يڌ ٿيندي ڪڏهن؟
هٿن مان بہ ڪشمير ويندو جڏهن!

”پيارل“ ڊڄڻ مؤت کي داعوت،
اميريڪا کي هند لئہ ڪٿ آ صداقت؟

سدائين مان سنڌي

سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان،
پنهنجي گيت پنهنجا سنڌيءَ ۾ ئي ڳايان.

(۱)

وڏي ويڄهي سنڌي اباڻي جا ٻولي،
اَمڙ آهه جنهن ۾ ڏني مون کي لولي،
تهذيب پنهنجي ڀلا ڪيئن وساريان،
ڪلا کي ڏئي خون شل! مان نکاريان،
جنم ڀوميءَ جا تورا پڻ ڪيئن مان لاهيان؟
سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان.....

(۲)

آ ساهت سان منهنجي محبت نرالي،
ٻٽي مالهي تنهنجي ڪندس پيو رکوالي،
ڪڏهن ڪين پلجي مفت پستڪ پڙهان ٿو،
سنڌو سنڌي ساهت سڪون لئه لکان ٿو،
ڪري آنءُ ڪوشش ڪي پانڪ وڌايان،
سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان.....

(۳)

سدا سنڌيت جوت جڳندي رهي شل!
چيٽي چنڊ جي رسم هلندي رهي شل!
هٽن جهمريون 'پيارل' ٻهراڻا ڪڍائن،
''آيو لال'' جا نعرا دل سان لڳائن،
ڪڍي سرگسون لوڪ ورثو پسايان،
سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان.....

قهر آنتڪواد جو!

آتنڪوادين ڪيو گوڌرا ۾ نرسنهارُ،
هئو جيڪت ۾ سو هندوتوَ تي ئي وارُ!

(١)

جمون ڪشمير ۾ سدائين ئي هلي پيو،
گجرات ۾ پر آهي دفعو پهريون ئي ٿيو.
قومي فسادن جي باري تن باهه ڇوڙر،
ٻڌڻ ۾ ٿي آيون آهون ۽ آهه ڇوڙر،
ورودي پڪش به اُف! پڪشپات تي ڪيو،
مانوَ اَڌڪارين ڪي به اِن روپ ۾ ڏنو،
ائين ئي وڏيڪ پڙڪي هنسا گجرات ۾-
۽ نيتائن جي آمد ۽ ملاقات ۾!
گجرات کي پيو زوريءَ بدناميءَ جو هارُ،
آتنڪوادين ڪيو گوڌرا ۾ نرسنهارُ......

(٢)

آمريڪا جي سِرَ تائين هو آيو پاٽي،
ڪئي اُنهيءَ جهت طاليبان جي هڪ هڪاٽي!
مگر سنسد تي حملو جڏهن ڀارت ۾ ٿيو،
تباهه ڇونه بروقت اُن پاڪ کي ڪيو؟
اڃا گُهسن پيا ڪشمير ۾ آتنڪوادي،
جنتا سان ٿئي روز اُف ڪيڏي تعدي!
پاسو اڃا ڪٽي پيو اميريڪا نه پاڪ جو،
گهڙو ڪين ڀريو اڃا لادين جي پاپ جو!
يو.اين. پڻ ٿيندي شايد ائين ئي خوارُ،
آتنڪوادين ڪيو گوڌرا ۾ نرسنهارُ......

قهري زلزلو!

ڪيو قهر قدرت، تيو زلزلو،
تيو جاري ڪچ ڀڄ ۾ موت جو سلسلو!

(۱)

آ ڀارت جي اتهاس ۾ ورق هي نئون،
جو، ڀونڪمپ اهڙو ڪڏهن ڪين ٿيو!
هئي هر جڳهہ ڄڻ تباهي، تباهي،
تي ڪڇ ڀڄ جي ڏڙڪن انهيءَ ٿمائي!
اچي سهري ڀرين سرڪار پنهنجي،
مدد جڳہ سڀني جي اچي پوءِ پهتي.
هو گجرات ۾ پڻ تيو ڏرڏلو،
ڪيو قهر قدرت، تيو زلزلو.....

(۲)

هو رعيتي راڄ وارو ڏينهن نيارو،
بڻي پيو ڏينهن گويا سو ڪارو!
هو مئلن جو ڪاٿو ملڻ ئي مشڪل،
جي، بچيا رُني تي اُنهن جي ٻہ دل!
''پيارل'' صدق سان تيو راحت جو ڪم،
اجا پرجي سگهيو ڪين آهي زخم!
اجا پي آ ڪڇ ڀڄ صفا ڳهرگهلو،
ڪيو قهر قدرت، تيو زلزلو.....

سنڌيت بچايو

هڪ آس اتم دل ۾ سنڌي جوان جا ڳايان،
تن ۾ مائن جي لولي تن کي ياد ڪرايان.
ڏني هئي ماءُ جا پينگهي ۾ لوڏيندي لولي،
اها هئي نہ ٻي ٻولي اها هئي سنڌي ٻولي.
چيائين لعل منهنجا وڏو ٿي وير تون ٿيندين،
راڻا پرتاپ جيئن قربان پنهنجي قوم تان ويندين.
نہ ٿيندين تون ڪانئر نہ ڪمزور تون ٿيندين،
شواجي وانگر بڻي شير ويرُين جا سِرَ وڍيندين.
اسين آهيون سڀ سنڌي پر سنڌيت ڪٿي آهي،
ڌاريو تہ رهيو دور سنڌي ئي سنڌي ڏُکائي ٿو.
ماءُ ممي بڻي آهي پيءُ ڊئڊي ٿو سڏائي،
هرڪو سنڌي گهر ۾ انگريزيءَ ۾ ٿو ڳالهائي.
ڪاڏي ويو اما بابو- ڪاڏي ويو ڪڪو ڪڪي،
اسان جي سنڌي ٻولي اڄ انگريزي ۾ آهہ لڪي.
ڇاڻان مان بہ انگريزي سنڌيءَ ۾ ٿو ڳالهايان،
جنم پيءُ ماءُ ڏنو آ شيوڪ قوم جو آهيان.
سنڌي آهيو سڀ شير ڪانئر ڪين آهيو،
ڪريو قوم جي شيوا قوم جو شان وڌايو.
سنڌڙي ويئي ''پيارل'' سنڌيت نہ وڃايو،
سنڌي سڀئي گڏجي سنڌيت کي بچايو.

غزل

ڪوڙو ۽ ڪارو هي سنسارُ آهي،
سدائين تہ مرندو چو سچيارُ آهي؟

اسان دوستي تا نڀايون پريم سان،
چئون جنهن کي گل، اُهو خارُ آهي!

پڙوسي ڏسان ناتو نڀايو خوشيءَ سان،
اُنهيءَ دشت پارت تي ڪيو وارُ آهي!

الا! ڊگمگائي تو ايمانُ امن جو،
ٿيو بدنام يارو! هتي پيارُ آهي!

آ بچيو آتنڪي پوت پارت کي پاڪ،
هي وشواس جو ئي سنهارُ آهي!

”ڪبي آر ۽ پار“ جي جيسين نہ ڏُڌ،
وطن لاءِ ”پيارل“ هي بار آهي!

ايڪتا جي مهاجوت

سنڌڙي جي چمن جي مهڪ آهيون، اسين سڀ سنڌي هڪ آهيون،
گلن جهڙي سرهاڻ اسان ۾، جنهن وهون خوشبو ڦهلايون.

گلن جهڙي اسان ۾ رنگت، جتي وڃون اُتي رنگ ڇمايون،
محنتڪش اسين مرد آهيون، محنت کان اسين ڪين ڪيٻايون.

نينهن جي محنت ساڻ اسين، جتي رهون ڪاميابي پايون،
وير دشمني ڪيون نه ڪنهن سان، ڌارين کي به پنهنجو بڻايون.

نفرت حسد کان دور رهون، پيار جا اسين پانڌيئڙا سڏايون،
ايمان ڪري جي ڪوئي اسانجو، سُوَمان جي خاطر ڪنڌ ڪپايون.

اچي مصيبت قوم مٿان ته، اُنهيءَ لاءِ جان ٻي لڏايون،
رڳ رڳ ۾ اسان جي آ سنڌي، ٻيو ڪجهه اسان پوءِ آهيون.

پنهنجن نوجوانن کي ٻي، اسان اهڙو احساس ڪرايون،
ڪڏهن نه ڀلجون پنهنجي اصليت، سدا پاڻ کي سنڌي چوايون.

وقت آيو آهي هاڻ ''پيارل''، پاڻ کي ڪجهه سمجهايون،
سنڌي سڀ هڪ منهن تي، ايڪتا جي امر جوت جڳايون.

جاڳ جوان سنڌ جا!

جاڳ جوان سنڌ جا، توکي سنڌ تي سنڀاري
غلام آ جا غيرن ۾، توڏي تي نهاري.

سنڌ جو ساڌ ٻيلو، لڳندو هو جتي ميلو،
اڄ آهه سو اڪيلو، ڌارين جي آ پناري.

سهڻو سکر ۽ لاڙڪاڻو، پنهنجو وطن اباڻو،
اڄ آهه سو ويڳاڻو، نيڻين تو نير هاري.

سنڌ جي ڪنوار سهڻي، پياري هئي ڪراچي،
تنهن کي به تو پيارا، ڇڏيو آهي وساري.

سنڌو نديءَ سُنهاري، ساري سنڌ تي سنواري،
جا پنهنجو نرمل پاڻي، ڌارين کي پيئي پياري.

هاڻي به جيءُ نه جاڳئين، پهچنديں ڪيئن ڪناري؟
تنهن لاءِ جاڳ ''پيارل''! همت جي هل سهاري.

پنهنجو پاڻ سڃاڻ

اِنسان او اِنسان، پنهنجو پاڻ سڃاڻ،
ڪير آهين آيو ڪاٿئون آهين، آيو آهين ڇاڪاڻ.
اِنسان او اِنسان.....

ڇل ڪپٽ جي ڪري ڪمائي، ڌن دؤلت ڍيري ڏاڍي ٺاهي،
ڪوڙي عزت خوب وڌائي، بڻي ڪري شيطان.
اِنسان او اِنسان.....

خوب ڪئي تو عيش عشرت، ملي نہ توکي سڌي سنگت،
وقت وڃايو ائين وئرٿ، ڪيو نہ ڪوئي ڌيان.
اِنسان او اِنسان.....

جنهن ڪارڻ آئين جڳہ ۾، ان جي توکي ياد نہ آئي،
عمر گذاري تو غفلت ۾، هاڻي تہ سمجھہ نادان.
اِنسان او اِنسان.....

گذريل وقت نہ واپس ايندو، پڇتائڻ مان ڪجھہ نہ ورندو،
”پيارل“ مل ڪامل پرش سان، پنهنجو پاڻ سڃاڻ.
اِنسان او اِنسان.....

جوابدار ڪير؟

چوڌاري مچي ويئي هاهاڪار آهي،
توري توري ڳالهہ تان تي رهيو تڪرار آهي.
ڪوئي ٻڌائي ان لاءِ ڪير جوابدار آهي؟
اميرن جو غريبن مٿان تي رهيو اتياچار آهي،
ڪچڙين ڪنوارين مٿان تي رهيو بلاتڪار آهي. ڪير ٻڌائي....
ڳُوٺڻن موالين جو وڌي ويو آزار آهي،
ڏينهن ڏٺي جو ٿيندو لوٽ مار آهي. ڪير ٻڌائي....
ٿين ٿا ڪيترا قتل بي گناهہ ماڻهن جا،
فرياد ڪرڻ تي يي ملندو نہ ساٿ سهڪار آهي. ڪير ٻڌائي....
بنا رشوت جي نہ ٿيندو ڪم ڪار آهي،
رشوت ڏيڻ گناهہ آهي پر غرض مند لاچار آهي. ڪير ٻڌائي....
وڪامي ٿي عزت عورتن جي مجبور،
مهانگائيءَ ۾ مري ويو عزت دار آهي. ڪير ٻڌائي....
بگڙي ويئي آهي اؤلاد برين عادتن ۾،
وڏن جو اؤلاد مٿان رهيو ڪٿ اڌڪار آهي. ڪير ٻڌائي....
ڦري وڌو آهي ڏيکہ ۽ فئشن يي،
ڪوڙن خرچن ۾ پيسجي رهيو پريوار آهي. ڪير ٻڌائي....
ٿين ٿا ڪيترا سماروهہ ۽ سميلن يي،
سميلن ۾ رڳو ٿيندو ستڪار آهي. ڪير ٻڌائي....
سماج ۾ آهن ڪيترا سڌارڪ شير يي،
مگر ملندو نہ انهن کي پورو سهڪار آهي. ڪير ٻڌائي....
”پيارل چا ڪري بيوس، لاچار آهي،
دردوندن جي دردن لاءِ ڏاڍو بيقرار آهي. ڪير ٻڌائي....
هاڻي هرڪو پڇي پاڻ کان ان لاءِ ڪير جوابدار آهي؟

ودیا

جاڳيو آ چاهہ من ۾، سنڌي ٻارن کي سمجهايان،
وديا ڇا آهي ۽ ڇو آهي، ان جو گيان ڪرايان.

وديا روشني آهي، جيون کي هلائڻ جي،
وديا درسني آهي، پاڻ کي سڃاڻڻ جي.

وديا آهي سچي دؤلت، جا کٽڻ جي ناهي،
وديا جي مَتِ بي ڪا، دؤلت ڏُچُ آهي.

وديا سچائي آهي، ان سان ايندي همت آهي،
کندي آ راهہ روشن، ٺاهيندي قسمت آهي.

جهڪائيندي نہ سر آهي، وديا اهڙي هستي آهي،
ٻڌائيندي نڊر آهي، ملندي جنهن مان شڪتي آهي.

وديا آهي پريو يڳتي، ملائيندي آ پريوءَ سان،
ڪري دور نفرت کي، ڀري ٿي گهر خوشبوءَ سان.

وديا سان ماڻهو مهان آهي، انڌڪار جڻ اگيان آهي،
رکہ ياد ڳالهہ ''پيارل'' هرڪو ڳٽوان جا ڳڻ ڳائي.

پيئڻ جي ريت

پيئن ٿا اُهي جن کي پيئڻ جي سُڌ ناهي
پيئبو ڇو آهي هوُ خود بي خود آهي.

١- پيئن ٿا ڪيترا نوجوان مستانا، پي ڪن ٿا ناچ گانا،
وڃائي هوش پنهنجو، ڪن ٿا ڪُڏا ڪارناما،
اهڙن نوجوانن کي ڪير سمجهائي؟
جن کي پيئڻ جي سُڌ ناهي.

٢- پيئن ٿا محفلن مجلسن ۾، ڏنوان ڏن لڏائي،
سمجهن ٿا ان ۾ اسان جي عزت آهي.
اهڙن ڏنوانن کي ڪير سمجهائي،
جن کي پيئڻ جي سُڌ ناهي.

٣- پيئن ٿا مجبور مفلس، عادتي غم پلائي،
ڏين ٿا خود کي دوکو، وجهن ٿا پاڻ رُلائي،
اهڙن متوالن کي ڪير سمجهائي،
جن کي پيئڻ جي سُڌ ناهي.

٤- ’پيارل‘ پيئڻ برو ناهي، پر پيئڻ جي بہ ريت آهي،
پيئندا هئا درويش، پريمءِ سان لنوَ لائي،
پيئن ٿا سنت صوفي، نام، رام جو جپائي،
پيئڻ تہ انهن جو آهي جن کي پيئڻ جي سُڌ آهي.

دل رکہ نہ کنھن سان دل

دل کي سمجھايم گھڻو ئي رکہ نہ کنھن سان دل،
ملڻو ھجئي جنھن سان ڏاريو سمجھي مِلُ،
چو تي آھين بُزدل، جڳ جي محفل ماڻ.

اي دل کوئي نٿي ھٿ کنھن جو ھٿ اٿئہ پنھنجو بہ پرائو
ڪرڻو ھجئي جيڪي وٺ نہ کنھن کان رايو،
ڏکيو وقت آيو تہ، سوچ پنھنجو پاڻ سان.

اي دل سوچيندي ۽ جي سٺو تہ سٺو ئي تيندءِ،
برائي ۽ جو سلو آخر برو ئي ملندءِ،
جو ڪجھہ ٻي تيندءِ، پرڻو پوندءِ پاڻ کي.

اي دل مٺان سمجھين کنھن کي ھٿ پنھنجو مددگار،
ھٿ تہ اٿئي آدمي کان آدمي بيزار،
ڀلا ڪير تنھنجو يار، ياد ڪرين تي جنھن کي.

اي دل ياد ڪر ان يار کي جنھن جو ھيءُ سنسار،
تنھنجو تہ ڇا ساري جڳہ جو مددگار،
”پيارل“ اُن جو ڏيان ڏار جيڪو سچو ساٿي تنھنجو.

من کي موڙ

گهمي ڏٺم سڀ ڳوٺ - شهر - ٻَنَ،
سڀ سڃاتم دوست ۽ دشمن،
جيڪي سڄڻ اهي ئي رهزن،
تن سان ناتا ٽوڙ پنهنجي من کي موڙ.

جنهن ٻه ڪئي آ هتي ڀلائي،
تنهن سان دنيا ڪئي آ برائي،
جنهن ڪيو آ ظلم ۽ زوري،
تنهن کي دنيا مڃي سموري،
تن سان ناتا ٽوڙ - پنهنجي من کي موڙ.

هي سنسار آ ڪيڏو نيارو،
تن جو اُجلو من جو ڪارو،
پل ۾ روشني پَلَ ۾ انڌارو،
ٻي وس آهي ''پيارل'' پيارو،
من مالڪ سان جوڙ - پنهنجي من کي موڙ.

نہ ڪرماڻا

نہ ڪرماڻا منا محب منڙا، جدائيءَ جانِ ڳاري آ،
ڪريان مان ڇا؟ وڃان ڪاڏي؟ اندر ۾ بيقراري آ.

حسينا حسن تنهنجي تي، بڻي پنورو ڦِران تو مان،
تنهنجي معصوم چهري جي، نزاڪت هيءَ نياري آ.

ڪري پاڳل مونکي سهڻا، رلائي وئين اُف! رڻ ۾،
ڪڏهن ملندين مونسان پيارل، اها ئي انتظاري آ.

ڪئي آ مون توسان محبت، مگر توکي آهي نفرت،
پلي ڪر بي وفا نفرت، نفرت اُلفت جان پياري آ.

”پيارل“ کي پياس تنهنجي آ، اندر ۾ آس ملڻ جي آ،
ٻڌايان حال ڇا توکي، اکين ۾ آب جاري آ.

گيت

(١)

گيت خوشيءَ جا آنءُ تو ڳايان،
پنهنجي پرينءَ کي تو پرچايان،
ايندو ايندو - پريتم پيارو،
هڪ من موهيندڙ مُرڪ وارو،
اُن سان ملڻ لاءِ آنءُ واجهايان،
گيت خوشيءَ جا آنءُ تو ڳايان...

(٢)

وات تڪيندي ويل وهاڻي،
آهه بڻي چڻ دل هيءَ ديواني،
اچا به آهي آس اندر ۾،
ساجن ايندو منهنجي گهر ۾،
ان لاءِ دل جي سيج سجايان،
گيت خوشيءَ جا آنءُ تو ڳايان...

(٣)

يار نه آيو دلدار نه آيو،
من منهنجي کي قرار نه آيو،
شايد مون ۾ ڪمي آهه ڪائي،
جنهن لاءِ ''پيارل'' ڪئي آ جدائي،
نيڻي تو مان نير وهايان،
گيت خوشيءَ جا آنءُ تو ڳايان...

دلبر جو دوکو

ڏيئي دوکو دلبر، ناهي ڇڏيو تو،
بگڙيل منهنجي من کي، بڻائي ڇڏيو تو.

ڪيم پيار توسان بڻي بيخبر،
گهري ننڊ مان جاڳائي ڇڏيو تو.

مون سمجهيو هو توکي پي پيار آهي،
اهو پرم منهنجو ڀُلائي ڇڏيو تو.

ڪندس ڪين مان تنهنجي شڪايت،
هڻي تير نظر جا گهائي ڇڏيو تو.

اڙي بي وفا مون ڪيو ڏوهه ڪهڙو،
بنا ڏوهه مونکي رُلائي ڇڏيو تو.

سڻو ٿيو هينئر ئي پيئي خبر مونکي،
”پيارل“ کي دل تان مٽائي ڇڏيو تو.

محبوب جو تصور

لڳي ڪيڏي سهڻي تي صنم جي صورت،
اچي خواب ۾ تي سدا سا ئي مورت.

ڪري بند اکڙيون مان توکي ڏسان تو،
لهين اُپ مان چڙ، پري مان پسان تو.

ڪرين تي مونکي اکين سان اِشارا،
اِشارا به تنهنجا سهڻل ستارا.

هٿن ۾ آ چهرو گلابي گلابي،
ڏسي سونهن تنهنجي بڻي پيسُ شرابي!

لڳي ٿو چو منهنجي تون بانهن ۾ آهين،
۽ مون کي تي پنهنجي دل ۾ سمائين!

ٿئي شل ”پيارل“ خواب اڄ حقيقت،
اچي سرڪي اڱڻ منهنجي محبت.

پيار جو اظهار

ڪيو آ پيار مون توسان، ڪيان اظهار ڪنهن سان،
ملڻ لاءِ من آهي ماندو، ٻڌاءِ ڪيئن ملان توسان.

ڏسان تو هر جڳهہ توکي، مسڪرائيندي ماڻهن سان،
نهاري سر جهڪائين ٿي، پنهنجين پيارين ادائن سان.

رهين چپ چاپ ٿي هردم، ڳالهائين ٿي اِشارن سان،
ڪيو بيچئن تو مونکي، شڪايت ڪيان ڪنهن سان.

منهنجي نيڻن ۾ تون آهين، منهنجي ڌڙڪن ۾ تون آهين،
منهنجي خوابن جي شهزادي، منهنجي ٻانهن ۾ تون آهين.

منهنجي دل کي يقين آهي، توکي ٻي پيار آ مونسان،
قرب ڪر او قرب واري، مل هڪوار ’’پيارل‘‘ سان.

معصوم چهرو

تنهنجو معصوم چهرو مونکي ياد آهي،
شرمائڻ کنڌ جهڪائڻ مونکي ياد آهي.

لڪائي پوتيءَ ۾ گلابي ڳلن کي،
چپن ۾ مسڪرائڻ مونکي ياد آهي.

هلندي هٿينءَ جيئن هلندي ڏيل آهي،
ڪوئل وانگي ڳائڻ مونکي ياد آهي.

ڪيئه جيڪي مونسان محبت جون ڳالهيون،
اهو اڄ به مونکي بر زبان ياد آهي.

جيسين توکي نه ڏسندو هوس پياري،
تيسين ڳوڙها ڳاڙڻ مونکي ياد آهي.

جدائي ڪري وئينءَ ”پيارل“ سان پياري،
ڀڏايان ڇا تنهنجي ڪيڏي ياد آهي.

ملڻ جو موقعو

هڪ موڙ تي محبوب سان ملڻ جو موقعو مليو،
جنهن سان ملڻ لاءِ مُدت کان من ڏاڍو ماندو هئو.

مان هن کي ڏسندو رهيس هو مونکي ڏسندو رهيو،
مان بہ هوس چپ چاپ، هوُ پڻ خاموش هئو.

مان نہ هيم هوش ۾، سهڻل پڻ بي حال هو،
ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جو، ٻنهي کي نہ ڪوئي خيال هو.

وقت جي گذري وڃڻ تي، يار واپس هلندو رهيو،
دلبر جي ائين هلڻ تي، افسوس مون ڏاڍو ڪيو!

آخر ڪجهہ همت ڪري، پياري کي سڏيو پيار مان،
آءُ منهنجي ير ۾، ''پيارل'' توسان مان ڳالهيون ڪريان.

برسات جي رات

اها رات برسات جي رات هئي،
پريتم سان پهرين ملاقات هئي.

ککرن جي ڏاڍي کڙڪات هئي،
نالن جي وهڻ جي گڙگات هئي،
هئي اهڙي اوندهہ ڪاري ٻات هئي،
اها رات برسات جي رات هئي.

ملڻ لاءِ من ڏاڍو ماندو هئو،
پهچڻ جو رستو اڻانگو هئو،
هئو ٻيو نہ هيلو همت ساٿي هئي،
اها رات برسات جي رات هئي.

اوڙهي شال نڪتس ڏاڍي جوش مان،
وڃي نيٺ پهتس منزل تي مان،
مليس ان سان ”پيارل“ جنهن جي تات هئي،
اها رات برسات جي رات هئي.

ياد تنهنجي

اڄ وري ياد تنهنجي آئي آ،
منهنجي نيڻن ۾ ننڊ وڃائي آ،
مون ڪئي آ ڀلا خطا ڪهڙي،
ڇو ڪئي تو هيئن جدائي آ.

تنهنجي وڇڙئي ويا ورهيه گذري،
تنهنجيءَ ڪائي خبر نه آئي آ.

سڪ تنهنجي ستائي ٿي ڏاڍي،
تنهنجي سڪ ۾ عمر وڃائي آ.

ڇا ٻڌايان حال مان توکي،
برهه ۾ جان مون جلائي آ.

توسان ’پيارل‘‘ ڪئي وفا هردم،
ڪئي تو ڪيئن بي وفائي آ؟

رسڻ جي ريت

ٻالڙيان ڪيئن مان توکي، ٻالئي ڪين ڪي سگھندس،
تنهنجون پياريون ملاقاتون، سدائين ڳُڻ ڳُڻائيندس.

آهي اڄ ٻي ياد مونکي، ڪيوسين پيار جو گڏجي،
مان تنهنجي پيار لاءِ پيارا، دنيا کي ڀُلائيندس.

وڇائي وائٽ ۾ اکڙيون، تنهنجون راهون نهاريندس،
ملڻ تنهنجي لاءِ منڙا، مقدر آزمائيندس.

ٻڌي ديواني در تنهنجي، اچي توکي منائيندس،
ڪري آزيون ۽ نيزاريون، توکي پنهنجو بڻائيندس.

رسڻ جي ريت ڇڏ راڻا، ڪر نہ مونسان ايڏا ماڻا،
رسڻ ۾ ڇا رکيو آهي، توکي ”پيارل“ ٻڌائيندس.

سنپر ساٿي

سنپر ساٿي وقت نہ وڃاءِ
ٻيڙي پنهنجي هاڪار.

ٻيڙي تنهنجي ڪڙي ڪناري،
تون وينو آهين من هاري،
هلڻو توکي ٻئي ڪناري،
اُت همٿ نہ هار- ٻيڙي پنهنجي هاڪار.

گهنگهور گهٽا آ ڇائي،
ڪکرن ۾ ڀي ڊڪ ڊوڙ لڳائي،
ٻجلي چمڪي پئي چوڌار،
اُت هلڻ لاءِ ٿي تيار ٻيڙي پنهنجي هاڪار.

ڪکرن گجڻ شروع ڪيو آ،
ڇولِن ڇُلڻ شروع ڪيو آ،
موجون آهن منجهہ ڌار،
هو شيار خبردار-ٻيڙي پنهنجي هاڪار.

”پيارل“ کي افسوس اندر ۾،
وقت وڃايو مون سستيءَ ۾،
هلڻو آهي پرينَ پار،
اُت سائينءَ کي سار- ٻيڙي پنهنجي هاڪار.

لڪل پيار

تون ڪرين ٿي مونسان پيار،
مونکي ڪونہ هئو اعتبار.

من هي من ۾ پيار ڪرين ٿي،
شانت ۽ چپ چاپ رهين ٿي.

جڏهن اچين ٿي سامهون،
ڪرين ٿي تون تڪرار.

رستي تي تون روز ملين ٿي،
ڪنڌ جهڪائي هلي وڃي ٿي.

ويندي ويندي ڏسندي رهين ٿي،
تنهنجي اکين ۾ آ انتظار.

مان بہ ڪيان ٿو توسان پيار،
ڪيان ٿو مان ان جو اقرار،

”پيارل“ کي آهي وشواس،
تون بہ ڪندين ۽ هڪ ڏينهن اقرار.

غم نہ ڪر منهنجي دل

او دل منهنجي دل
غم نہ ڪر منهنجي دل،
ندي ملي ٿي جيئن سمنڊ سان،
تون بہ پرينءَ سان مل.

دور آهي دلبر جو ديرو،
من منهنجي ۾ آهي انڌيرو،
ڪيئن ملان مان پنهنجي پرينءَ سان،
آهي اندر هلچل.

ڏينهن وڃي ٿو رات اچي ٿي،
من ۾ برهہ جي باهہ مچي ٿي،
يار ملڻ جي چاهہ وڌي ٿي،
سجهي نہ ٿي منزل.

من ۾ ڪوتا خيال اچن ٿا،
جيڪي ڏاڍا ڀَوَ ڏين ٿا،
”پيارل“ من کي پيو سمجهايان،
ٿيءُ نہ تون بزدل.

روحاني راز

دلبر تون، دل ربا ٻي تون،
سڀ ۾ تنهنجو آهي نِواسُ،
پيار جي رنگت سڀ ۾ تنهنجي،
چاهي مالڪ يا هجُ داس.

اڇي ڏسو پريات اڇي ٿي،
اتس هٿن ۾ گلن جو هار،
ڌرتي پائي گد گد ٿيندي،
خوشيءَ ۾ ٿيندي باغ بهار.

ڏسو سنهاري سنجها ديوي،
ڪيئن ٿي موٽي ماءُ اچي،
سڄيل چراگاهن تي،
ڪيئن ٿي پيئي ناچ نچي.

ڏسو روح رهاڻ ڪرڻ لاءِ،
پکڙيو جت آڪاش اپار،
اهي اُتي چوڌاري چانيل،
پريوءَ جو پرڪاش اپار.

ڏينهن ٿئي ان جاءِ نه ڪائي،
رات انهيءَ هنڌ ڪانه سجهي،
”پيارل“ روشن راهه جتي آ،
اوندهه بلڪل ڪانه سجهي.

سُڳنڌي گُلَ

سُڳنڌي گلن سان آ گلشن سجايو،
هوا ۾ هڳاءُ بہ اُنهن جو ئي آيو.

(۱)

لڳي ڦول هرڪو گلابي، گلابي،
آ منهنجي نظر ۾ مهڪ جڻ شبابي،
ملي شعر چوندي سڪون دل کي ٿو،
وڏي ٻارُ پنهنجو تہ هر حال ۾ ٿو،
آ مالهيءَ مثل مون تہ رت کي سُڪايو،
سُڳنڌي گُلن سان آ گلشن سجايو....

(۲)

هتي موڳِرو ڪو تہ گل ڪو ڪَمل جو،
سچائيءَ جي گل کي رنگہ پنهنجو هوندو،
گلن جي قسم ۾ عجب رات راڻي،
ڊُڏائي ٿي گويا سُڳنڌ جي ڪهاڻي،
ادب جي چمن ۾ محنت کي لڳايو.
سُڳنڌي گُلن سان آ گلشن سجايو....

(۳)

ٻين جي خوشيءَ ۾ رهان خوش سدائين،
اچي ساٿُ ڏيندو، جهوُلي لال سائين،
ديا سان سنڌي قوم خوش حال ٿيندي،
اُنهيءَ جي ڏيان ۾ سدا دل بہ رَهندي.
سچيءَ دل سان ’’پيارل‘‘ اچو جوت جڳايو.
سُڳنڌي گُلن سان آ گلشن سجايو....

گل گلاب جو

گل گلاب جو آهين تون،
سونهن ۾ لاجواب آهين تون.

پن سيئي ٽاريءَ جا ساوا،
تنهنجو آهي رنگ لعل،
آهي جيئن ڪنهن سندريءَ جو،
پوتيءَ اندر ڳَلُ بي مثال.

حسن نزاڪت تنهنجي نياري،
توکي ڏسڻ سان اچي بهاري،
خوشبوءِ تنهنجي بيحد پياري،
رکشا لاءِ تنهنجي ڪنڊا چوڪاري.

گلشن ۾ گلزار آهين تون،
ديو گلي جو هار آهين تون،
ناريءَ جو سينگار آهين تون،
''پيارل'' جو پيار آهين تون.

رُت ملڻ جي آئي

رُت ملڻ جي آئي، موسم ۾ مستي ڇائي،
وڻ ٽڻ سڀ ساوا ٿيا، کيتن ۾ هريالي لهرائي.

باغ ۾ بهار آئي، چوڌاري خوشبو ڦهلائي،
ڀنئرن ڀي گلن مٿان، ڀون ڀون جي گونج لڳائي.

ڪويل ڀي ڪوڪ ٻڌائي، مور پڻ نا ٿئي ڳائي،
هن سهاڻي وقت ۾، يارل جي ياد ستائي.

من ۾ اُٿيا اُمنگ، دل ٻه ڏني انگڙائي،
ملڻ لاءِ محبوب جي، بدن ۾ لرزش آئي.

پر نہ مليو دل جو دلبر، من ۾ اُداسي پر آئي،
نيٺ تہ دلبر ملندو، ”پيارل“ کي آس اِهائي.

اکين سان کيون ملائي ڏس

اکين سان اکيون، ملائي ته ڏس،
آهي ڇا اکين ۾، آزمائي ته ڏس.

اکين جي ملڻ سان، ٿئي عشق پيدا،
عشق ۾ پاڻ پاڳل، بڻائي ته ڏس.

پاڳل بڻي پنهنجي، من محبوب سان،
هڪوار پيار جو پيچ، پائي ته ڏس.

تيندي تڙق دل ۾، دلبر ملڻ جي،
ملڻ لاءِ من کي، رلائي ته ڏس.

”پيارل“ وڃي پاڻ، سهڻل جي سامهون،
وڇوڙي جا آنسون وهائي ته ڏس.

مهما گروءَ جي

ڪرم يوگي مها تياڳي، سچو اِنسان مورت ڀڳوان،
گٽي گٽوان گروءَ ۾ ڏيان، برهم جو گيان بنا ايمان.

ساڌو ويس پورو درويش، سدا پرسن ڏيان مگن،
سڌارڪ يي اُڌارڪ يي، سيٽل يي، سياڻو يي.

براين ڪان پري هردم، اُپڪار سهڪار جو سنگم،
سهڻي مورت سچي سيرت، پريو ڀڳتي دوي شڪتي.

من وس ۾ تن وس ۾، آتم گيان يي وس ۾،
مالڪ پيري فقيري جو، همدرد غريبي امري جو.

ويچارڪ سنت مَتَ جو، مهنت گونديا مٺ جو،
نالو پير پرشوتم ناٿ، ”پيارل“ آهي ان جو داس.

مان پيارل آهيان

مان پيارل آهيان، اڙي مان پيارل آهيان.

تنهنجي پيار ۾ پاڳل ٻڻجي،
پيارل پيو سڏايان،
هرهنڌ تون آهين منهنجا سائين،
سڀ ۾ توکي تو پايان،
جاڏي نهاريان بس هڪ تون ئي،
توکي پيو ڏيايان.

سک ۾ تون دک ۾ ٻي تون،
عشق محبت ۾ ٻي تون،
دل جي هر ڌڙکن ۾ تون،
توکي ڪيئن ڀلايان.

گلشن ۾ گلزار آ تنهنجي،
هرهنڌ آ هبڪار تنهنجي،
''پيارل'' کي هڪ تار آ تنهنجي،
تون هي تون هي پيو ڳايان.

ياري

ڪائڻ ۽ ڪارائڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي،
پيئڻ ۽ پيئارڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي.

ڏند ڪڍي مسڪرائڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي،
پويان ننندڻ سامهون ساراهڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي.

واعدو ڪري نہ نڀائڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي،
دوستن جي دل دُکائڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي.

ڏيئي چوٽ پوءِ پرچائڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي،
ڪريل کي ڪيرائڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي.

مصيبتن ۾ منهن لڪائڻ،اها يار منهنجا ياري نہ آهي،
محفل ۾ مذاق اُڏائڻ، اها يار منهنجا ياري نہ آهي.

لِنوَ پريوءَ سان لائڻ اِها يار سچي ياري تہ آهي،
نت تنهن کي ڏِئائڻ، اِها يار سُني ياري تہ آهي.

غزل

- ڪڏهن سک، ڪڏهن دک، اِهو ئي آ جيون،
اسان جو ڪرم ئي سچو آهي درپن.

- تئي هار جيون ۾، ڏيون ڏوھ ڀاڳ کي،
ملي سوڀ جي، ڳايون پنهنجي نام جو ڀڄن!

- سکن ۾ ڪٿي ياد ڀڳوان آهي،
دکن ۾ اچي ياد هر پل، گهڙيءَ کن.

- ڪريون سونهن جي تعريف دل پنهنجي کولي،
پسي سهڻي سيرت وجون ڇو تي تا سُنُ؟

- ڪرڻ پاڻ کي سائو چاهيون سدائين،
ڀلي ڪَٿِجي ڪنهن جو ڀ ڇو ڪين گردن!

- رُئي روح چُپ چُپ، رهون بي چئن تا،
ڏيندي سکن لاءِ ڀتڪي سدا مَنُ!

- غريبن جي گهر ۾ ”پيارل“، آ اوندھ،
الا! ڪن تہ ٻکہ لئہ لڻايو آ جوين.

نياڻي نماڻي

دکي آهي ديش جي نياڻي نماڻي،
ڪچي ڪين ڪچ يي ۽ اکڙين ۾ پاڻي.

آ ڏي-وَٽُ جي ڪارڻ ئي غير وڪاڻي،
اتياچار گهر جا سهي تي سياڻي.

گهر ۾ سَسُ ۽ مڙس جي، مار کائي ڏينهن رات،
ڍورن وانگي وهي گهر ۾، ڪري نہ آنا ڪاني.

ماءُ پيءُ جا مهڻا ملن تا، طعنا تنڪا ڏاڍا لڳن تا،
کائڻ لاءِ جوٺا ٽکر ملن تا، پڙهيل هوندي يي آهي اياڻي.

اهڙن کي ڪير سمجهائي، جن ۾ ڪجهہ سمجهہ ناهي،
''پيارل'' پريوءَ در باڏائي، ڏي اهڙن کي سمجهاڻي.

تنهنجي انتظار ۾

منهنجا محبوب ڇايائن ۾ پاڻ کي ڇُپائي،
تون بيٺو آهين سيني جي پٺيان،
آءٌ ڪلاڪن جا ڪلاڪ تنهنجي لاءِ،
گلن جي ٽوڪري رکي ويهان ٿو،
واٽهڙو اچن ٿا هڪ هڪ گل کڻندا وڃن ٿا،
منهنجي گلن جي ٽوڪري اڃي ٿي آهه خالي،
صبح گذري ويو شام ٿي آهي،
منهنجي اکين ۾ ننڊ اچڻ شروع ٿي آهي،
رستي تان لنگهندڙ مون ڏانهن نهارن ٿا،
مونکي لڄائمان ڪن ٿا، مشڪن ٿا مَهِٽا ڏين ٿا،
۽ پڇن ٿا تہ توکي ڇا کپي،
توکي ڪنهن جو انتظار آهي،
”پيارل“ ٻڌاءِ، مان انهن کي ڪيئن چوان،
مونکي تنهنجو انتظار آهي.

ڪيئن ملان منٺار سان

چنتا ۾ چوُر آهيان،
بيوس مجبور آهيان،
دلبر کان دور آهيان،
ڪيئن ملان منٺار سان.

پريتم ڪهن پار آهي،
من بيقرار آهي،
اکين ۾ انتظار آهي،
من ٽڙندو ديدار مان.

سهڻل ڪي ساريان وينو،
وات نهاريان وينو،
ڳوڙها جي ڳاريان وينو،
ڪانهي شڪايت ڪرتار سان.

”پيارل“ يي آهي پاڳل،
ملڻ يي آهي مشڪل،
اندر ۾ آهي هلچل،
رهجي اچي شل يار سان.

ماٺ

اي من مان پڻ آهيان ماٺ ۾،
تون پڻ ماٺ ۾ رهه،
ڪنهن کي ڪجهه نه چئه.

ماڻهو جاڳن ڏينهن ٻاري،
مان جاڳان تو من کي ساڙي،
منهنجي من کي چيل آهي،
سچي شانت ۾ رهه، ڪنهن کي ڪجهه نه چئه....

ماڻهو جيئن ٻين کي ماري،
مان جيئان تو من کي ماري.
منهنجي ڀاڳ ۾ لکيل آهي،
لڪي لڪي دک سهه، ڪنهن کي ڪجهه نه چئه....

ماڻهو ڪن ٿا عيش عشرت،
من ۾ انهن جي آهي نفرت،
منهنجي من ۾ آهي محبت،
چوي ٿو ”پيارل“ ڪر نه پَوَ، ڪنهن کي ڪجهه نه چئه....

سانوڻ جي موسم

سانوڻ جي موسم آهي آئي،
ڌرتيءَ آهي خوشي منائي،
ڌرتيءَ جي تي پياس بجهي،
گرميءَ جو ٿو انت اچي.

سنهي سنهي برسات وسي ٿي،
من جي اندر موج مچي ٿي،
ٻار پيا ڏاڍي هيڇ هڻن ٿا،
بيهي پاڻيءَ منهنجي پُسن ٿا.

هن مهني ۾ ڏاڍا تهوار،
راکي ٿڌڙي، ڪرشن اوتار،
ڀيڻ ڀاءُ کي راکي ٻڌي ٿي،
ان مان پيار جي مهڪ اچي ٿي.

ٿڌڙيءَ جا ياد اچن ٿا لولا،
ڇهرا منا بانسي لولا،
”پيارل“ خوشي ملي ٿي من کي،
ياد ڪري پنهنجو منٺار.

ٻہ سٽا

- سنڌي سڌائڻ پاپُ ڪو ناهي،
فخر تہ سڀ کي ذات تي آهي!

- هندوتوَ جو شرف ٿيو حاصلُ،
مگر ٿيو نہ ڪنهن جو قاتلُ.

- تعصب جڳ جو دشمن آهي،
ڇڏيو تنهنجو ڏينگو ڏاهي.

- پرجاتنتر راڄ هلي ٿو،
ڏنوانن جو ٿي پاڳہ ڪُلي ٿو!

- هنسا ڀارت ڪين ٿو چاهي،
تڏهن بہ پاڪ ٿو دشمني پائي.

- اسان امن جي راهہ هلون ٿا،
تہ بہ جڳ ۾ بدنام ٿيون ٿا!

- چنڊ تي دنيا پهتي آهي،
اڄ بہ ناري هِتِ ڏيندي آهي.

● پاڪ = پاڪستان

غزل

۱- وسائڻ تو چاهيان ستارن جي دنيا،
مِٺي مُحبَ سان گڏ ٻهارن جي دنيا!

۲- ستارا ٿا ٽمڪن، صنم جي ئي صدقي،
انهيءَ سونهن سان آ نظارن جي دنيا!

۳- رهون مست پنهنجي رهاڻين ۾ دائم،
ڦلي ڦولي ٻس، قرب وارن جي دنيا!

۴- پيئون ميءِ تنهنجي ئي اکين جي سهڻا!
رهي پيار ۾ تَرِ خمارن جي دنيا!

۵- خزان ۾ به ٽڙندا سدا گلستان-گل،
چوي ٿي خوشيءَ مان، اِشارن جي دنيا!

٦- مُحبت بهار آ سنواريو هي جيون،
رهي شل! ''پيارل'' دلارن جي دنيا!

ڏياري

اچ آئي آهہ ڏياري،
روشنيءَ چمڪي چوڏاري.

ٺم ٺم ڪري ڏيئا ٻرن ٿا،
من ۾ خوشيءَ جا ترنگ اُٿن ٿا،
ڦل جَهڙيون ڦٽاڪا خوب ڦٽن ٿا،
تِنِ مان سهڻا رنگ ڇٽن ٿا.
ملي ٿي دل کي دلداري - اچ آئي آهہ ڏياري.

سهڻا سهڻا ڪپڙا پائي،
پاڙي ۾ مترَ ۽ يار ملن ٿا،
هڪ ٻئي کي واڌايون ڏين ٿا،
خوشين جو اظهار ڪن ٿا.
گلي ملن ٿا نر ناري، اچ آئي آهہ ڏياري.

منائين جي موج مچي ٿي،
ڇم ڇم ڪندي لڇمي اچي ٿي،
رام سيتا جي ياد اچي ٿي،
”پيارل“ جي دل کي شاد ڪري ٿي،
گهر گهر ۾ لڇمي ماتا جي ٿئي ٿي جئہ جئہ ڪاري.
اچ آئي آهہ ڏياري.

پرينءَ جو پيار

تنهنجي پيار ڪيو آهي پاڳل،
توسان ملڻ آهي منهنجي منزل.

پيار جو رستو آهي اٽانگو،
ان ڪي نڀائڻ آهي مهانگو،
پيار جي راهن ۾ ڪنڊايون،
ان ۾ آهن گهريون کاهيون.

پيار جو پنڌ ڪنڊن پريل،
ان تي هلڻ ڏاڍو مشڪل.

مشڪل ڪي مان منهن ڏيندس،
آخر منزل تي وڃي رسندس،
”پيارل“ پنهنجي پنهل سان ملندس،
پيار انهيءَ سان ويهي ونڊيندس.

جان انهيءَ تان گھوريان

ڪانئو ناهي وَتَ بہ ڪونهن، ڪيئن وزن مان توريان،
ادب ڪان مان اڻواقف، حال ڪنهن سان اوريان.

اديبن جو پنڌ اڻانگو، اجايو ٿو ڏونگر ڏوريان،
قدم هلڻ جي ناهي طاقت، هلان پيو هوريان هوريان!

سندر مالها ڻاهڻ لاءِ، پيو ٿو پاڻ پٺوڙيان،
ڪيئن ملان محبوب کي، ان لاءِ جوڙ پيو جوڙيان!

گل بہ آهن سڀو بہ آهي، سُئيءَ بنا ڪيئن سوريان،
ڏيان لڳائي دلبر جو، پيو پريت سان پويان.

پوَ پريل آ من ۾، من کي ڪيئن موڙيان،
”پيارل“ کي جو راهہ ڏيکاري، جان انهيءَ تان گھوريان!

آئي هولي

آئي هولي - آئي هولي،
گڏجي هلي جوانن جي ٽولي.

ڀري هٿن ۾ رنگ پچڪاري،
اڄ نہ بچندي چولي ساڙهي.

رنگن جي نڪرندي ڦوهارَ،
گهر گهر مچندي موج بهار.

پراڻا پنهنجا وير مٽائي،
گلي ملندا ڀائر ۽ يار.

پنگ کٽورو گيهر سنبوسا،
کائي کندا پريم پيار.

ڪرشن وانگي بڻي ڪنهيا،
گوپين سان ڪندا ڇيڙ ڇمڪار.

ٻار ٻي اڇي هڪ ٻئي کي هڻندا،
رنگ ڳاڙها پيلا لعل گلال.

"پيارل" ٻي اڄ پنهنجي پرين ۽ سان،
کيڏندو پيار جي هولي.

گيت

جهوليلال جي پناري....

آيس جهُولڻ تنهنجي دُواري،
جيون جي هيءَ ٻيڙي هاڪاري.

(۱)

آهہ نظر کان دور ڪنارو،
مونکي بس تنهنجو سهارو،
جڳہ مون کي آهہ ڏُتاريو،
مون تونکي تڏهن آهہ پڪاريو،
آهيان هاڻي تنهنجي پَناري،
آيس جهُولڻ تنهنجي دُواري.....

(۲)

راهہ ۾ ڀٽڪيل راهي آهيان،
هاڻ رهبري تنهنجي چاهيان،
من کي وڪارن آهہ تپايو،
جيون تي آ دکن جو سايو،
ڪين سگهان تو هڪ پلُ ڀي گهاري،
آيس جهُولڻ تنهنجي دُواري.....

(۳)

دنيوي سُکن هو مَنُ هرڪايو،
نظر تڏهن سڀ دلڪش آيو،
وقت پڇاڙا سمجهہ ۾ آيو،
ڀرمن ۾ مون هو پاڻ ڀُلايو،
''پيارل'' جي چڏ بگڙي سنواري،
آيس جهُولڻ تنهنجي دُواري.....

توکي ڇا کپي

مون پڇيو من کان توکي ڇا کپي،
من چيو محبوب کپي.

مون پڇيو دل کان توکي ڇا کپي،
دل چيو دلبر کپي.

مون پڇيو اکين کان توکي ڇا کپي،
اکين چيو ديدار -ي-يار.

مون پڇيو ڪنن کان توکي ڇا کپي،
ڪنن چيو محب جو مڌر آواز کپي.

مون پڇيو نڪ کان توکي ڇا کپي،
نڪ چيو معشوق جي مهڪ کپي.

مون پڇيو چپن کان توکي ڇا کپي،
چپن چيو عشق جو اقرار کپي.

مون پڇيو زبان کان توکي ڇا کپي،
زبان چيو پيار جو اظهار کپي.

مون پڇيو پيارل کان توکي ڇا کپي،
پيارل چيو مونکي ته بس ”پيارل“ کپي.

ترائيل

ساجن آيو سپنن ۾ مان نہ جاڳيس ساري رات،
موسم آئي گويا بهار جي، ملڻ لاءِ دل ٿي بي قرار.

ننڊ نياڳي اهڙي آئي، پرهہ ڦٽي ٿي پريات،
ساجن آيو سپنن ۾ مان نہ جاڳيس ساري رات.

ملاقات رهي حسن سان، سپنن ۾ ٿيو ديدار،
موقعو ملڻ جو مليو، خوابن ۾ ڇا تہ ''پيارل'' جو پيار!

ساجن آيو سپنن ۾ مان نہ جاڳيس ساري رات،
موسم آئي گويا بهار جي ملڻ لاءِ دل ٿي بي قرار.

ثنا جهوليلال جي

جهولي لعل جهولي لعل، جهولي لعل جهولي لعل،
ڪليگ جو آهين اوتار، جهولي لعل جهولي لعل.

جوتن وارا جهولڻ سائين، پل ۾ تون تو آسون پڄائين،
تنهنجي جوت جلي چوڏار، جهولي لعل-جهولي لعل.

لعل اُڏيرا پلن وارا، پلو پائين تا پريم پيارا،
تون ڪرين تو بيڙا پار، جهولي لعل جهولي لعل.

دولهه تو در ديگيون چڙهن، سيسائون پي خوب چڙهن،
مڇي چيچڻ جي چمڪار، جهولي لعل جهولي لعل.

ڌرم بچائڻ جڳ ۾ آئين، چيٽي چنڊ تي سنڌ ۾ جائين،
ڪيئي ڌرم جي جئه جئه ڪار، جهولي لعل جهولي لعل.

تون هي بگاڙين تون هي بڻائين، پاپن کي پي پار لڳائين،
آهين هيڻن جو همراهه، جهولي لعل جهولي لعل.

تون هي پتا تون هي ماتا، تون هي جڳ جو جيون داتا،
تون ديئن جو به ديال، جهولي لعل جهولي لعل.

سورت نياري پلي تي سواري، پوڄن توکي سڀ نر ناري،
تون راکو آهين رکپال، جهولي لعل جهولي لعل.

”پيارل“، تو در پنجڙا ڳائي، باسون باسي اکا پائي،
پورا ڪرين تو سڀ جا سوال، جهولي لعل جهولي لعل.

هڪ سٽا

زندگي آهي هڪ، حسين خواب.
دل ۾ هجي اُمنگ، آهي لاجواب.
پرين هجي پرديس، ٿيندي حالت خراب.
سهڻل هجي سامهون، چٽڪ بوتل شراب.
چنبڊ شرمائي ٿو، ڏسي حسن شباب.
مَن محبوب بنا اُف! رهندو بي تاب.
عاشق بڻيو پيارو، معشوق گل گلاب.
با وفا دلبر کي ڪريان آداب.
جواني آهي هڪ، رنگين ڪتاب.
پيار ۾ ٿي ''پيارل'' ٿيو بي نقاب.

ٻہ سٽا

(١)

يار سڏائي هرڪو ٿو، ياري نڀائي ڪو ڪو،
اهڙو يار ڏکن ۾، ڪنهن کي ملي ڪو ڪو.

(٢)

پيار ڪري ٿو سڀڪو، پيار کي سمجهي ڪو ڪو،
سچو پيار پرينءَ جو، باقي سڀ آ ڍوڪو.

(٣)

پيار رئاري پيار کلائي، پيار ملائي يار،
يار ملڻ سان، بنا يار بيڪار.

(٤)

يار اهو جو وقت تي، بڻجي مددگار،
وقت تي جو پلجي وڃي، يار نہ اهو يار.

(٥)

يار هئو ڪرشن ارجن جو يا رهبر،
اهڙو ڪپي يار ٿو، ٿي مدبر رکي نہ تڪبر.

(٦)

ٻيڙيءَ ۾ وهاري ڪڍن جي ڦرهو يار،
تن کي يار کي آ جڳ جي مليل ڏڪار.

(٧)

بس پيار پري دل ''پيارل'' آ چاهي،
جڳ کي اِها چاهنا آ اَڄ راس نہ آئي.

پرستا

(۱)

نالو ڳنهڻ رام جو، وڏرت وڃي نٿو،
پيارل ڳنهي جو پريم سان، تنهن جو ڦل مِٺو.

(۲)

رام رام چوندا رهو، ان ۾ خرچ نہ ڪو،
پيارل ڏسجو رام رنگہ ۾ رڱجي ويندو سو.

(۳)

مران مران چوندي مليو والميڪي ٻي رام سان،
رام رام چوندي پيارل، ملنديئن تون ڀڳوان سان.

(۴)

ڪنهن لئہ وينو ڪوڙ ڪمائين تي ڪوڙو،
سچ ۾ پرميشور آ رکہ وشواس پورو.

(۵)

ڪٽنب قبيلو سنگي ساٿي، سڀ مطلب جا يار،
ڪوڙي پريت جڳت جي ''پيارل'' ڪر رام پريوءَ سان پيار.

ڌرم يڌ

لعل ڪرشن ٿو ڏئي صلاح، اٿ اَنلَ جي ٿيءُ هوشيار،
ٿيءُ نہ بزدل دير نہ ڪر، دشمن بيٺو تنهنجي دئار.

هرروز ديش ۾ قتل ٿين ٿا، مچي ويئي آهي هاهاڪار،
جيئڻ بڻيو آ ڏاڍو مشڪل، چوڌاري ڦهلي انڌڪار.

ديش سڄو ٿو توڏي نهاري، ديش واسين جي ٻُڌ پُڪار،
وقت وڃاءِ اجا نہ وئي، وقت ويو نہ ٿيندين خوار.

گيتا جو يي گيان اهو آهہ، سهڻ غلط آ اتياچار،
اتياچار مٽائڻ خاطر، يُڌ ڪرڻ لاءِ ٿيءُ تيار.

ڪرم ڪرڻ ڌرم آ تنهنجو، ڦل تي تنهنجو ناهي اڌڪار،
سچ ڌرم جي راهہ تي هلي، ٿيندي نہ تنهن جي هرگز هار.

ڌرم يُڌ جو شنڪہ وڄاءِ، اڌرمن کي سبق سيکار،
''پيارل'' کي آهي وشواس، ڌرم جي ٿيندي جئہ جئہ ڪار.

هنسا جو دؤر

هنسا جي هن دؤر جو، ڪهڙو ڪجي بيان،
ٿوري وقت ۾ خاڪ ٿي ويا، ڪيترا گهر دڪان.

ڍير لڳي ويا لاشن جا، ڪي هندو ڪي مسلمان،
آنڌي آتنڪواد جي آئي، اُجڙي ويو گلستان.

ڏسندي جان ڏکي ٿي، اُتي تو من ۾ گمان،
ڇا اهڙو آهه اسانجو، ڀارت ديش مهان؟

راڄنيتيءَ جي راند، اُلجهي ويو اِنسان،
نيتائن جي چال ۾، ڦٽجيو ويو حيوان.

وقت آيو آهي ''پيارل'' ڪيو من ۾ ڌيان،
مندر مسجد ۾ آهي، هڪڙو ئي خدا ڀڳوان.

دلبر دلارو هليو ويو!

هليو ويو هليو ويو سنڌيت جو ديوانو هليو ويو!
ڪري سفر پورو، دلبر دلارو هليو ويو!

پترڪارن ۾ سندس نانءُ روشن سدا رهندو،
ساهت ڪيتر ۾ پڻ ناموس جو ذڪر سدا ٿيندو.

لکي ڪتاب ڪيڏا، ڪيائين ساهت جي نشڪام شيوا،
ڪوجنا ۽ لوڪ ادب تي لکيو، موت ۾ ڪاڏا نہ هن ميوا.

تنيءَ ڏنڌيءَ ۾ ڪاهہ، ناهي ويل وهڻ جي هاٽي،
انهيءَ متي تي جيون جي مول کي ويو هو هوُ سڃاڻي.

ڪيو قدر هو قدردانن هن جو ڏئي انعام ۽ سنمان،
هئا حقيقت ۾ هن جا ادب ۾ اوچا ڪي مڪان.

سچائيءَ جو هو پتلو، لکي سچ سچ چڏيندو هو،
تڏهن نہ هن تي يارو، هرڪو ئي ڏمرندو هو.

سوين سلام اوهان کي شري ليلارام پيارا!
رکندو ''پيارل'' هرڪو ياد تنهنجا پيغام پيارا!

روح رهاڻ

اوري آءُ منهنجا مٺا، ويهي روح رهاڻ ڪيون،
اڪيلائيءَ ۾ ڏيان لڳائي، سائينءَ جا ڳڻ ڳان ڪيون.

ڀيد ڀلائي تنهنجو منهنجو، ارپڻ پنهنجو پاڻ ڪيون،
اندر پنهنجي جهاتي پائي، پريوءَ سان سڃاڻ ڪيون.

نفرت جي نگاهه ڪي، ڪڏهن دل کان ڌار ڪيون،
سچ جي مشعال سان، راهه کي روشندار ڪيون.

ڪوڙ ڪپٽ ڪڍي من مان، اندر پنهنجو صاف ڪيون،
نوَرت ۽ نيزاريءَ سان، پنهنجي من کي شانت ڪيون.

دل ۾ ديرو دلبر جو، دل ۾ دلبر جو ديدار ڪيون،
''پيارل'' پنهنجي پرينءَ سان، ويهي روح رهاڻ ڪيون.

دل تي پڪاري!

مِلُ مونسان، دل تي توکي پڪاري،
ياد ۾ تنهنجي اُف هنجون هاري.

(١)

دل جو چمن آ ويو سُڪي دلبر،
ڪر سرسبز اُن کي اچي دلبر،
مهر نينهن جي مون تي وساءِ،
بهار مثل تو هِنَ دل کي بڻاءِ،
پل پل تو ڏي سِڪ تي نهاري،
مِلُ مونسان، دل تي توکي پڪاري.....

(٢)

غمن جي گردش مُنجهائي ڇڏيو آ،
تو پڻ منهن ڇو مٽائي ڇڏيو آ؟
تنهنجي پيار جي نهار تي گهرجي،
سنگت تنهنجي مونکي دلدار تي گهرجي،
جيئڻ منهنجو هاڻ تنهنجي سهاري،
مِلُ مونسان، دل تي توکي پُڪاري.....

(٣)

پريم اسان جو پوتر آهي،
من ميري جي واسنا ناهي،
ڇو ڪرين ”پيارل“ سان جدائي؟
ڇڏ رُسامو ڏسُ دل جي وائي،
آءُ سچڻ تون دل جي ڏُواري،
مِلُ مونسان، دل تي توکي پُڪاري.

مان تنهنجو ڪير آهيان

مان تنهنجو ڪير آهيان، توکي ڪيئن سمجهايان؟
هر پل دل تو لئہ ٿو ڌڙڪايان، دل کي ڪيئن سمجهايان.

يار ڪئي مون توسان، بن مطلب جي ياري،
تنهنجي ياري مونکي، جان کان ڀي پياري،
ڪيئن ٻڌايان توکي، مان قرب جو قاءل آهيان.

توسان منهنجو آهي، پريم پريت جو ناتو،
پر تو منهنجا منڙا، مونکي ڪين سڃاتو،
هر جاءِ هردم توسان، ناتو پيو نڀايان.

پل تون ڀلاءِ مونکي، مان توکي ڪيئن ڀلايان،
تون نہ نڀاءِ مونسان، مان ان ۾ رنج نہ آهيان،
پر منهن نہ متاءِ پيارا، ڇئہ تنهنجو ”پيارل“ آهيان.

لنگهي گهٽيءَ مان....

ڏسان ٿو گهٽيءَ مان لنگهي ٿي وڃين،
مگر منهن مون کان ٿو موڙي ٿي وڃين!

(۱)

ٿي ڪهڙي نگاهن کان منهنجي خطا؟
ائين اجنبي بڻجي، ڏين ٿي سزا!
تون شڪ جو ٿينءَ شڪار شايد،
آ نفرت ۾ بدليو هي پيار شايد،
محبت جو ناتو ٽوڙي ٿي وڃين،
ڏسان مان گهٽيءَ مان لنگهي ٿي وڃين.....

(۲)

مُلاقاتون تنهنجون ۽ منهنجون هيون،
۽ راتين جون راتيون سي هلنديون هيون،
ملياسين ائين ڄڻ هجن روح ڪي،
ڪندا هئاسين پيار سندي ورونهن سي،
اِهي سڀ قصا ڇو وساري وڃين؟
ڏسان مان، گهٽيءَ مان لنگهي ٿي وڃين.....

(۳)

ڪيا هُن پلا ڪيئن وفادار آهيان،
تنهنجو ٿي ته مان پيار آهيان،
محب! فقط تو ڏنو هو حسينا سان گڏ،
وئين تون تڪڙ ۾ بڌءِ ڇو نه سڏُ؟
”پيارل“ جو ڀروسو تون ڀڃين ٿي وڃين!
ڏسان مان گهٽيءَ مان لنگهي ٿي وڃين.....

ڪيئن چوان ڀارت آزاد آ؟

- اڄ آزاديءَ جو ڏينهن آهي، هن ڏينهن ٿيو ديش آزاد،
ديش جي دُردشا ڏسي لڳي ٿو، اڃا ديش نہ ٿيو آ شاد.

- سماجوادي سڏائن پاڻ کي جي، مگر لڳي نالي ۾ ئي سماجواد،
غريب وڃن پيا غريب ٿيندا، امير ٿين پيا هِتِ آباد.

- نيتائن جي آڙ ۾ ٿين ٿا وڏا وڏا گهوٽالا چوڌر،
گهوٽالن مان اچي ٿي يارو! راڄنيتيءَ جي ڄَرا!

- ٻن سمپردايڪتا جا ناٽڪ ٿين، ٿين گهڻا دنگا فساد،
دنگن ۾ تہ غريب مرن ٿا، ٿئي نہ تن جو داد فرياد؟

- جاتيواد وڌائين پيا اڄ، هن ديش جا ئي نيتا،
آهي ايپنيتائن ڪان يي ڄڻ مهان بڻي پيا ايپنيتا!

ديش ۾ ڏاڍا قتل ٿين ٿا، ظلم ڪري پيو اُف آتنڪواد!
ان کي روڪڻ لئہ سرڪار بہ چو آ بڻي نراشاواد؟

- مهانگائيءَ ماري وڌو آ، ڀرشٽاچار ڪيو برباد،
جيئڻ بڻيو آ ڏاڍو مشڪل، ٻڌي نٿو، ڪوئي فرياد!

- ''پيارل'' پيو هنجون هاري، ڏسي ديش کي ناشاد،
ڪيئن چوان وڏي واڪي تہ ديش ٿيو اڄ آزاد؟

غزل

کيو ڪين ڪجهہ مون، ويو وقت گذري،
دُنيوي سکن ۾ ويو، پريوُ ئي وسري!

اڃا ٻي آتي وقت سنڀال پاڻ کي،
جيئن رام جو نام تہ ملي مهر جي مصري!

حياتيءَ ۾ ٿا خام خيال ئي ستائن،
مثل جَلَ، وڃن پَلَ هٿن مان ٿا نڪري!

ڪري حسن سان پيار هرڪو هتي ٿو،
ڪيو پئدا جنهن وڃي ٿو سو وسري!

پري سُڏڪا، اُف روح خاموش ڪنڊ ۾،
جڏهن ترشنا - آگ ۾ ٿو من پڇري!

نڀايون اسان شال! پريوءَ سان ناتو،
تہ جيون مان "پيارل" کو کَڙُ تيلُ نڪري!

پڇُ سٽا

هن سنسار مان ترڻ لئہ جهوليلال کي پُڪار،
شرڌا سچي هوندي جهولڻ در، ٿيندي جئہ جئہ ڪار!

سخي سباجهو داتا نيارو، مهر سان اُن جي ٿئي نيبارو،
اهڙو اسان جو لال سائين، آهي اُهو ئي جوتين وارو!

سنڌ ۾ اوتار وٺي آيو ڪرامت جو مالڪ چمتڪاري،
هلي اُن جي اِشاري تي دنيا هيءَ سڄي ساري.

چاليهو رکن صدق رکي، تن جون آسون ٿين پوريون،
پل هڪ ۾ ٽُڙي وڃن ٿيون آپدائون سموريون.

ڀراڻا ڪڍن جڏهن، ڇيڄ هڻن ٿا ڇيڄاري،
چيٽي چنڊ جي ڏينهن تي سنڌيت جي اچي هبڪاري!

''آيولال جهولي لال'' جا گونجن سدائين نعرا،
من کي ملي موج سمجهن جي اشٽ ديو جا اِشارا!

''پيارل''! پيار سان پڪارويون جوتين واري لعل اُڏيري کي،
جوت جڳايون پنجڙا ڳايون، دولهہ جي ڏيري تي.

پيارو سنڌو ديش

١- امن ايڪتا پريم پيار، ڀائيچاري وارو،
منهنجو سنڌ ديش آ پيارو، ساري جڳ کان نيارو.

٢- ساڌن سنتن ڀڳتن جا، لڳندا هئا جتي ميلا،
سچل، سوامي شاهه لطيف، سنڌ جا سنت سهيلا،
سائين ٽيئونرام سنت جو، هلندو هو جتي ڀنڊارو.

٣- سنت ڪنور هيمون ڪالاڻيءَ، ڏني جتي قرباني،
ياد اچي ٿي اسان کي، انهن جي امر ڪهاڻي،
هرگز ڪين ڀلائي سگهبو، ساڃ ڀيلو سکر وارو؟

٤- ڏاهرسين ڀي دشمن سان، ڪئي خوب لڙائي،
ستين ست بچائڻ خاطر، جيئري جان جلائي،
اتهاس سنڌ جو ”پيارل“ موهن جو دڙ نيارو!

غزل

- چوي ٿي چوي ٿي نديءَ جي رواني،
آ هلندو رهڻ ئي تہ جيون ڪهاڻي.

- سکن ۾ جپڻ رام جو نام گهرجي،
دکن ۾ ٿيندي اُن جي مهرباني.

- اچي دؤر جيون جڏهن غمن جو،
ڏجي منهن خوش ٿي، ٿيندي قدرداني.

- ڏسون ماڪ ڦولن تي صبح جو سدائين،
ٿي لڙڪن سان جرڪي گلن جان جواني.

- ملي ماڳہ ويندو، وڌو اڳتي اڳتي،
ڪجي راهہ ۾ همت پري ڪامراني.

- ''پيارل'' اُميدن تي رهنداسين زندهہ،
رهي تونڙ تائين اِها ئي رواني.

دل جو دروازو کول

دل جو دروازو کول ٻيا سڀ دروازا بند ڪر،
آشائن نراشائن ڪي، تڙي دل کان ٻاهر ڪر.

ڪرمن جي ڪيچڙ ڪڍي، من جو ڪمرو صاف ڪر،
دل جي ڪنول گُل تي، ساجن لاءِ آسڻ تيار ڪر.

ساجن جي اچڻ جو، ويهي انتظار ڪر،
ساجن ايندو ضرور ايندو، سچي دل سان ڏيان ڌر.

اندر جي اکين سان، دلبر جو ديدار ڪر،
''پيارل'' پيار منجهان پنهل کي پرڻام ڪر.

تو منا ھي ڪيو ڇا؟

تو منا ھي ڪيو ڇا - ڪري وئين جدائي،
مان منا ڪيو ڇا - جو توکي نفرت آئي.

منھنجي ڪھڙي حالت ٿيندي،
توکي ڪائي سمجھ نہ آئي،
توکان سواءِ ڪئين جي سگھندس،
توکي پئي ڪَلَ نہ ڪائي.

ياد آ مونکي ھردم تنھنجي،
توکي منھنجي ياد نہ آئي،
مونکي سرھارو تنھنجي پيار جو،
ڪر نہ ”پيارل“ تون رسوائي.

اڄ وري ياد تنهنجي آئي

اڄ وري ياد تنهنجي آئي آ،
منهنجي نيڻن ۾ ننڊ وڃائي آ،
مون ڪئي آ ڀلا خطا ڪهڙي،
ڇو ڪئي تو مٺل جدائي آ.

تنهنجي وڇڙئي ويا ورهيه گذري،
تنهنجي ڪائي خبر نہ آئي آ.

سڪ تنهنجي ستائي ٿي ڏاڍي،
تنهنجي سڪ ۾ عمر وڃائي آ.

ڇا ٻڌايان حال مان توکي،
ٻرهہ ۾ جان مون جلائي آ.

توسان ”پيارل“ ڪئي وفا هردم،
ڪئي تو ڪيئن بي وفائي آ.

مسافر

هڪ مسافر هلندو رهي ٿو،
منزل جو ان کي پتو نہ آهي،
ٻاهر آنڌي طوفان آهي،
هن جي من ۾ شانت آهي.

نيڻن ۾ ننڊ نہ آهي،
من ۾ ٻيو اُمنگ نہ آهي،
پرينءَ ملڻ جي پياس آهي،
ٻي ڪائي ٻي آس نہ آهي.

رستو آهي اٽانگو آڙو،
ٽاٻڙ ٽوٻڙ پٿرن وارو،
ڪنڊن منڊن پيچرن وارو،
ورن وڪڙن اونهائيءَ وارو.

هلندي هلندي ٿاڪو ڪائي ٿو،
ڪيچڙ ۾ هو ڪري پوي ٿو،
”پيارل“ پنهنجون اکيون کولي ٿو،
سامهون بيٺل پرين پسي ٿو.

پاڻ کي سڃاڻ سنڌي

سنڌي پيارا سنڌي، پاڻ کي سڃاڻ سنڌي،
اؤلاد تون شيرن جي، ڪانئر نہ بڻجہ سنڌي.

سنڌ ديش آهي تنهنجو، تنهن کي ڀُلايو تو ڇو؟
ڪر ياد تون وطن کي، همت نہ هار سنڌي.

سنڌ ۾ هئي سچائي، ڪوڙ کي جڳهہ نہ ڪائي،
وٺ تون سهارو سچ جو، وِڪہ اڳتي وڌاءِ سنڌي.

هل سنڌ ۾ تون ڪاهي، لاڳاپا سيئي لاهي،
قرباني ڏيئي جند جي، سنڌي کي ڇڏاءِ سنڌي.

”پيارل“ کي آس آهي، آزاد سنڌ ٿيندي،
سائين ستار تنهنجو، تنهن کي سنيار سنڌي.

وقت ملايو وقت جدا ڪيو

نہ مان جدا ٿيس نہ هو جدا ٿيو،
وقت ملايو وقت جدا ڪيو.

ڪيئن ملياسين ڪيئن وڇڙياسين،
ان جو ڪجهہ احساس نہ ٿيو،
صرف ويچارن ۾ ئي،
وقت پورو ٿي ويو.

ڪجهہ ڪئيسين روح رهاڻ،
ڪجهہ نہ پاڻ ۾ پيار ونڊيو،
ٿڪل سُڪل ڪومايل اکين مان،
پيار جو پاڻي وَهندو رهيو.

رات ويئي پرڀات آئي،
اڇي مٿان سج چڙهيو،
''پيارل'' اڌوري آشا جو،
منهنجي دل ۾ درد رهيو.

آزادي

اڄو تہ سڀ گڏجي ڪري، اڄ ملهايون آزادي،
صدين کان پوءِ ملي آ، اسان جي ديش کي آزادي.

آزاديءَ جي هلي هلچل، آئي انقلاب جي آنڌي،
ديش مٿان قربان ٿي ويا، نهرو سڀاش ۽ گانڌي.

هندو-مسلم، سک عيسائي، جن ايڪتا جي جوت جڳائي،
نوجوانن پڻ ديش مٿان، پنهنجي جان لُٽائي.

ٿيو ورهاڱو ديش جو، مِلي اڌوري آزادي،
سنڌ هلي ويئي هٿن مان، سنڌين جي ٿي بربادي.

اڄ پڻ آزادي کسڻ لاءِ، تاڪ ۾ آهن آتنڪوادي،
”پيارل“ سدا جاڳندا رهجو، هلي نہ وڃي آزادي.

وقت منهنجو بہ ايندو

ڪندين جي ظلم زمانا، توکي ڪير روڪيندو،
مونکي يقين آهي، وقت منهنجو بہ ايندو.

١- ڍاهيندين جهوپڙي منهنجي،
مجنت سان محل ٺاهيندس،
وجهندين وچ سير ۾ مونکي،
مان ڪناري ڏي ڪاهيندس،
مان همت نہ هاريندس،
ڪناري خود ڪَهي ايندو.

٢- ڪسيندين جي مون کان پيار،
ڪندس ڪين ڪي تڪرار،
چڪيندس نہ مان آڌڪار،
ويهي ڪندس انتظار،
ڏيندس من کي ڪرار،
من مونکي ڪرار ڏيندو.

٣- ظالم تون وڏو آهين،
ظلم ڪر نہ ايڏو تون،
توکان آهہ وڏو مالڪ،
سدا ان کان ڏر تون،
انهيءَ وٽ تنهنجو منهنجو،
”پيارل“ فيصلو ٿيندو،
مونکي يقين آهي،
وقت منهنجو بہ ايندو.

دنيا جي دؤر ۾

دنيا جي هن دؤر ۾، منهنجو مان ڪنهن کي چوان،
پاڻ کي پنهنجو چوان يا ٻين کي پنهنجو چوان. دنيا جي هن دؤر ۾.

وقت تي مون هر دوست کي آهي آزمائي ڏٺو،
دوست جي دوکي ڏيڻ جو، سؤر مون آهي سٺو،
تا ڏين دوکو اهي، جي ڏسڻ ۾ ڏاڍا چڱا. دنيا جي هن دؤر ۾.

مفلس جو ڪوئي نہ آهي، پيسي جو هرڪو يار آ،
سچ جي ڪائي نہ قيمت، ڪوڙ جي بازار آ،
ڀاءُ ٻي اڄ ڀاءُ ناهي، ڏوراپو ڪنهن کي ڏيان. دنيا جي هن دؤر ۾.

زخم سڀ منجهي وڃن، من جا مُنجهن نٿا،
درد سڀ ٻلجي وڃن، دلين جا ٻلجن نٿا،
درد دل ۾ آهہ ڏاڍو، سور مان ڪنهن سان سليان. دنيا جي هن دؤر ۾.

درد اي دل ڪوئي نہ آهي، بيدرد جي بي دل گهڻا،
ڪنهن جي مان ڪريان شڪايت، ڪنهن کي مان ڏاريون چوان،
ڇو نہ ”پيارل“ پيار مان، هر اِنسان کي پنهنجو چوان. دنيا جي هن دؤر ۾.



واقفيت

سنڌي جاتيءَ ۾ اڃا ڪيترا اهڙا ساهس وارا ۽ سنڌيت سان لڳاءُ رکندڙ پريمي آهن، جيڪي لڪل لعلن وانگر آهن، جيڪي خاموشيءَ سان جاتيءَ جي شيوا پيا ڪن ۽ پنهنجي نالي چمڪائڻ جو سندن سپاءُ ڪونهي. سدا حيات شري دادا ليلارام رچنداڻيءَ سچ پچ جَسُ لهڻو، جنهن سنڌي ساهت جي اهڙي لڪل لعل کي ڳولهي ڪڍيو. اُهو هيو ڪو ڪونهي پر اسان جو مان وارو سُلجهيل ۽ سنواريل بزرگ شاعر شري ٿڌارام پنجواڻي ''پيارل'' آهي، جنهن کي مان دادا چئي مخاطب ٿيندو آهيان. جڏهن به هن صاحب کي درودرشن جي ڪوي سميلن ۾ شرڪت وقت ڏٺو/ٻڌو هوندو، سي سندن شاعراڻي شعور کان متاثر ٿيا هوندا ۽ پيشڪش واري انوکي انداز کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيا هوندا. ساڳئي وقت دادا پنجواڻي آڪاشواڻي احمدآباد، وڙودرا تان پنهنجي رچنائن جو لطف پڻ وٺائي چڪا آهن. شري ٿڌارام پنجواڻي ''پيارل'' ڪن مشاعرن ۾ به پاڻ موکيو آهي ۽ سندس رچنائون الڳ الڳ رسالن ۽ اخبارن ۾ ادبي خدمت طور استعمال ٿينديون رهنديون آهن. هيءُ دفعو آهي جو، دادا ''پيارل''، پنهنجي شعرن جو مجموعو ''سڳنڌي گُلَ'' ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ان بهاني سندن شاعراڻي شخصيت جو عڪس اديبن ۽ پاٺڪن کي ڏسڻ لاءِ مليو، اها وڏي ڳالهه آهي. هيءُ صاحب فقط شاعر ئي نه آهي پر ساهت پريمي به آهي ته سنڌيت جو شيدائي پڻ. ان ڏس ۾ هِنَ، سنڌي ساهت خريد ڪري پڙهڻ جو نه قسم ڪنيو ئي آهي پر ان جي ڦهلاءُ ۽ پرچار لاءِ تن، من ۽ ڌن جي مدد پڻ ڪندو آهي.

هن وقت هوُ اسان جي وچ ۾ هڪ شاعر طور آيو آهي. اچو ته سندن دلي سواگت ڪريون ۽ شعر و شاعريءَ کي صرف پڙهڻ نه پر ماڻڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ هن لڪل لعل جو، جوڳو قدر ڪريون. سندن صادق جذبو به ''سڳنڌي گُلَ'' شعرن جي مجموعي جي هڪ غزلي شعر مان نمودار ٿئي ٿو:

نڀايون اسان شال! پريوءَ سان ناتو،
ته جيون مان ''پيارل'' ڪو ڪڙ ٿيل نڪري.

- جڳديش شهدادپوري ''جَش''

''ڪلاڪار يون''، ۴/ ۷۰۰، امباواڙي، سردارنگر، احمدآباد - ۳۸۲۴۷۵.

Printed At : Scan Computers - Patia, Ahmedabad-45. M. :079- 31007002